منهنجا نظم ۽ تنهنجون اکيون

اياز امر شيخ

منهنجا نظم

۽

تنهنجون اکيون

[شاعري]

اياز امر شيخ

ڇپائيندڙ
روپا پبلڪيشن ـ سجاول
2022ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	**منهنجا نظم تنهنجون اکيون**
موضوع:	شاعري
شاعر:	**اياز امر شيخ**
ڇاپو پهريون:	اپريل 2022ع
ٽائيٽل ڊزائن:	مور ساگر
ڪمپوزنگ:	ڪريم بخش هنگورو
ڇپائيندڙ:	روپا پبلڪيشن ـ سڄاول
ڇپيندڙ:	**ساحل** پرنٽر, رابعہ اسڪوائر حيدرآباد

03002634650

قيمت: 300/ـ روپيا

MONHENJA NAZAM TOHENJON AKYION (Poetry)
Poet: Ayaz Amar Shaikh
Composing by: Karim Bux Hingoro
Title by: More Sagar
Published By: Sahil Printers & Publishers Rabia Squire Hyd
Sahilprinter786@gmail.com
03332634650 - 03002634650
Edition: Ist: April, 2022

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

2023ع

ارپنا

هي منهنجا نظم ناهن
پر تنهنجون ئي اکيون آهن
آئون جڏهن بہ کو
نظم لکڻ ويهندو آهيان تہ
مونکي تون ياد اچي ويندي آهين
تنهن ڪري مون هي پنهنجو ڪتاب
تنهنجي ئي نانءُ ڪري ڇڏيو آهي
ڇو تہ
مونکي منهنجا نظم گهٽ
پر تنهنجون اکيون وڌيڪ لڳندا آهن.

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري شاعر **اياز امر شيخ** جي شاعريءَ جو مجموعو ”**منهنجا نظم تنهنجون اکيون**“ اوهان اڳيان پيش آهي.

اياز امر اسان جي دور جو هڪ باڪمال شاعر آهي. اياز امر عالمي سطح جي شاعري ڪندڙ ۽ فطري ڪائناتي شعور جو مالڪ آهي، اياز محبتن جو امين آهي ۽ سندس لکيل لفظ لفظ ۾ سِٽ سِٽ منفرد حُسن جي مالڪ آهي. هو تاريخ جي ڪفن ڪي کولي حالتن جو حقيقي چهرو ظاهر ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو. هو لکي ٿو ”آئون ڪو بہ ڏک جهڙو ڏُکار پاڻ مٿان ڪڻڻ جي لاءِ تيار ناهيان، ان ڪري ئي تہ مون پنهنجن نظمن جي نيڻن ۾ تنهنجي ئي اکين جهڙا احساس پوکيا آهن، جن منجهان رڳو محبتن جا موتيا ئي مهڪي نڪتا آهن.

هي ڪتاب 2022ع ۾ **روپا پبليڪيشن، سجاول** پاران ساحل پرنٽرز حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مور ساگر جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون اياز امر شيخ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اداري پاران

شاعري، ادب جو اهو روپ آهي جيڪو احساسن سان ٽمٽار ٿيل هوندو آهي ۽ پڙهندڙن جي احساسن کي جنجهوڙي وجهندو آهي، دنيا جي انيڪ خطن ۾ شاعريءَ جا موضوع اتان جي زندگيءَ جي معيار، ذهانت جي درجن ۽ سماجي حالتن پٽاندڙ جڙندا آهن، پر اها خقيقت آهي تہ هر ٻوليءَ ۾ ڪجھ شاعر اهڙا پڻ پيدا ٿيندا آهن جن جي ذات ۽ ڏانءَ کي دنيا جون انيڪ قومون عالمي سطح تي مڃتا ڏيندیون آهن، سنڌ جي شاعراڻي ادب ۾ پڻ اهڙا برجستا ذهن پيدا ٿيندا رهيا آهن.

اياز امر شيخ جديد سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ نئين ٿهيءَ جو نمائنده شاعر هجڻ جو اعزاز رکي ٿو، سنڌ جا انيڪ پڙهندڙ کيس وڏي چاھ سان پڙهندا آهن.

روپا پبليڪيشن اياز امر شيخ جو هي شعري مجموعو منهنجا نظم ۽ تنهنجون اکيون ڇپائي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ تي سرهائي محسوس ڪري رهي آهي، سنندس هن شعري مجموعي بابت اوهان پڙهندڙن جي قيمتي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

روپا پبليڪيشن

سمنڊ جي پريل اکين جهڙا نظم

منهنجي ڪائنات جو محور تون ئي تہ آهين تون جيڪا هاڻ منهنجي لاءِ مڪمل منهنجي شاعري ٿي پئي آهين دل ۽ دماغ سان ڳنڍجي وڃڻ جو رشتو صرف ئي صرف منهنجو توساڻ ئي تہ آهي پنهنجو پاڻ مان وڃائجي وڃڻ ڪانپوءِ مون هيل تائين رڳو توکي ئي ڳولهيو آهي دل جي هٿن مان ڪري پيل ماڻهو کي ٻيهر ڪٽي پاڻ ڏي وٺي اچڻ ڪيڏو نہ مشڪل هوندو آهي اهو صرف آئون ئي ڄاڻي ٿو سگهان مون پنهنجا نظم تنهنجن نيڻن جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن هاڻ آئون توکي پنهنجن نظمن ۾ ئي ڏسڻ لڳندو آهيان سچ پڇين تہ منهنجا نظم هوبهو تنهنجي ئي اکين جهڙا آهن جن ۾ مونکي تون صاف نظر ايندين آهين مون ڪڏهن بہ توکي پنهنجن نظمن مان ٻاهر ناهي ڪڍيو آسمان جو ستارن سان پريل ۽ منهنجي نظمن ۾ مڪمل تنهنجو ئي هجڻ مونکي هڪ جهڙا ئي لڳندا آهن

سمنڊ جي پريل اکين جهڙا نظم مونکان سواءِ ٻيو ڪير بہ توتي لکي نٿو سگهي آئون دل جي دعويٰ سان ٿو چوان تہ هي منهنجا نظم هر وقت تنهنجو ئي مطالعو ڪندا رهن ٿا

ضرورت زندگيءَ جو ٻهريون رستو هوندي آهي مون پنهنجي ضرورتن جي پورائي فقط تنهنجي ئي پيار مان ڪئي آهي هيل مون تو مٿان ڪيترائي ڪتاب لاٿا آهن جن جي هر صفحي تي تنهنجو ئي ذڪر آهي توکان سواءِ ڪا هڪ ٻي سٽ بہ ان سونهن جي صحيفي تي مون ناهي لاٿي منهنجي ارتقا جو سڄو آسمان تون ئي تہ آهين هي منهنجو وجود تنهنجي ئي هجڻ جو هڪ احساس آهي وڃائجي وڃڻ جو ڀَپ مونکي صرف تو مان ئي ٿيندو آهي مون منجهان تنهنجو وڃائجي وڃڻ منهنجن نظمن لاءِ هڪ اسيريءَ جي گهڙي جي برابر هوندو آئون نٿو چاهيان تہ منهنجا نظم توکان سواءِ اسيريءَ جي اُس ۾ اداس ٿين ۽ آئون غم جي غربت ۾ اچي تنهنجي

محبت جي ملڪيت منجهان ئي بيدخل ٿي وڃان آئون نٿو چاهيان ته هن عشق جي اثاثن جي اُجڙي وڃڻ جو درد دل جي بادشاهيءَ جي تخت گاهه تائين ڪٽي وڃان, ڇو ته بربادي ننڍي هجي يا وڏي پر هوندي ته وري به هاڃيڪار ئي آهي

آئون ڪو به ڏک جهڙو ڏُکار پاڻ مٿان ڪٽڻ جي لاءِ تيار ناهيان ان ڪري ئي ته مون پنهنجن نظمن جي نيٽن ۾ تنهنجي ئي اکين جهڙا احساس پوکيا آهن جن منجهان رڳو ئي محبتن جا موتيا ئي مهڪي نڪتا آهن

هيل مون مٿان رڳو تون ئي وٺي آهين

هيل منهنجن نظمن توکانسواءِ ڪنهن بي ڏي ڏنو ئي ناهي

هيل منهنجا نظم مڪمل ٿيڻ لڳا آهن

ان ڪري جو منهنجن نظمن ۾ تنهنجن نيٽن جو رنگ هڪ جهڙو ئي آهي ان ڪري مون پنهنجن نظمن کي تنهنجن ئي نيٽن جو ناءُ ڏئي ڇڏيو آهي

سچ پڇين ته هاڻ مونکي ٻنهي ۾ ڪو به فرق محسوس ناهي ٿيندو

اڄ ڪانپوءِ مون پنهنجن نظمن تي تنهنجو ئي نالو رکي ڇڏيو آهي تنهن ڪري هاڻ توکي منهنجن نظمن سان ئي گڏجي رهڻو پوندو..

هي منهنجو اٺون ڪتاب منهنجا نظم ۽ تنهنجون اکيون مون آس جي اوجاڳن جي هيٺان وهي لکيو آهي منهنجي هن ڪتاب کي منهنجو محبوب ۽ مخلص دوست محمد شريف منڊرو روپا پبليڪيشن مان ڇپرائي مونکي هڪ وڏيڪ محبت ڀريو احساس بخشيو آهي اهي سندس محبتون زندگيءَ جي زبان تي هميشه ڳائبيون ئي رهبيون.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

اياز امر شيخ

03347091595

منهنجا نظم

۽

تنهنجون اکيون

صوفي شاهه عنايت...

سانجهيءَ ويلي سڀ ستارا
ڏيئن جهڙو ڏيک ڏين ٿا
گهنڊ وڄي ٿو شهر ٻُري ٿو
صوفي شاهه عنايت جي ٿي
هُجري ۾ کو هُل مچي ٿو
مرزا باقي جون تلوارون
سانڍاڻن تي سر رکن ٿيون
تڪ جي تاريخن جا پاڻي
پيئندي پيهر کنڌ ڪٽن ٿيون
ان الحق جي نعري اڳيان
صوفيءَ جو سر آهي رکيل
نعرا نينهن نغارن جهڙا
اُپ ۾ جاڳيل تارن جهڙا
راتين ۾ ٿيا روشن آهن
ڪيڙيءَ ميڙيءَ جو هي ماڻهو
پنهنجي پورهئي منجهه پُسيل آ
ايئن جڻ ڏرتيءَ ساڻ ڪُپيل آ
ڏکيا ڏن جا ڏينهن لڳن ٿا
ڪرنڊڙوڄ جيان مينهن لڳن ٿا
ميران پور جي مٽيءَ توتي

ايڏو ماڻھو ساھ چڙھين ٿا
پل بہ نہ تنھنجي راھ چڙھين ٿا
گيڙو ويس وصالن جو ھي
ويڙھيل آھي ساري وطن کي
ليڪا ڏيو ڏس ويٺا آھن
ديس ڏٺي اڄ پنھنجن دنگن کي
گھوڙن جون ھڻڪارون آھن
تيرن ۽ تلوارن اڳيان
ڪيڏا ڪنڌ ڪپيا پيا آھن
سنڌ جا سَنڌ ڪپيا پيا آھن
مڪلي مان اڄ مرزا باقي
ڏسندي ئي باھوڙ ڪئي آ
دھلي تائين دردن جي دانھن
ڏينھن ڏني جو ڊوڙ ڪئي آ
رت ٿمي پيو صوفيءَ سر مان
ڌرتي جي چڙ ھر ھڪ گھر مان
سُڏڪي جو آواز اُٿي ٿو
گھنڊ وڄي ٿو گھاءُ ڇُپي ٿو
صوفي شاھ عنايت جو
پيھر ڏڙڪي ڌر اُٿي ٿو
ميران پور جي مٽيءَ مان
ان الحق جو نعرو اٿي ٿو.

❖

مسيحا...

او مسيحا
تون ڪٿي آهين مري ويو
ڪائنات جي ڪنڊن مان
روز توکي ٿي مان ڳولهيان
منهنجون راتيون ڏينهن سارا
رب تنهنجي رحمتن کان
ڇو لڪي آهن ويا
ڇُله جنهن کي چئن ڏينهن کان
باھ ياڪر ناهي پاتو
روز ٻاڪاري سمهن ٿا
ٻاجھ تنهنجي کانسواءِ
اڏ اُگهاڙا ٻار منهنجا
آئون توکي روز تسبيح
۾ پڙهي پورو ڪيان ٿي
پر مسيحا تون الائي
ڪٿ وڃين آهين لڪو
منهنجي ڳولها جون ڳريون
هي صدائون سمنڊ جيڏيون
روز توکي ٿيون سڏين
درد جي پيڙاھ پراٽي

كاٿ خوشين کي هنيو آ
ڪو ڏڪاريل ڏيهہ توکي
روز ڳوليندو رهي ٿو
تون سموري خلق ڪان
چو پري ٿي آهين ويو
دانهن منهنجي درد جي
ڪير هنڊائي هانءُ سان
آئون توکي روز سڏيان
تنهنجي ئي ٿي نانءُ سان
ساهہ جو سنهڙو سڳو
اڄ ڇني وڃ ڇڪ سان
هيءَ حياتي زهر جهڙي
تون بہ پي ڏس ڏُک سان
او مسيحا
آئون تنهنجي ماٺ تي
روز ٿي ماتم ڪريان
سور جا سُڏڪا ڏکا
رويو ڏکون ويٺي پريان
او مسيحا
چو نٿو جاڳين اڃان تون
او مسيحا
تون ڪٿي آهين مري ويو

❖

اهو جي معجزو ناهي ته آخر ڇا پلا آهي...!؟

اسان بس عشق جي اک ۾ تنهنجا آثار ڳولهيا هن
پري ٿي پاڻ کان تو ۾ رڳو بس پيار ڳولهيا هن
اهو جي معجزو ناهي تہ آخر ڇا پلا آهي...!؟

هجڻ لاءِ تون هجين هڪڙي کپي پو ڇا اسانکي ڀيو
ملڻ جا معاهدا تنهنجا کڻيو ماڻهو وٺن خود کان
پيڻ کانپوءِ بہ وينو پي مزو آهي وڏو مڌ کان
حواسن جي حدن تائين پڄڻ تنهنجو ٿيو آهي
وڃائي پاڻ ۾ توکي اسان توکي لڌو آهي
ڇنائي ڇرڪ پنهنجا سڀ اڇي تو ۾ ٻڏو آهي
اسان تي سونهن تنهنجي جو اثر ڇن ٿا سڏو آهي
اهو جي معجزو ناهي تہ آخر ڇا پلا آهي...!؟

جڏهن دل جي ڏُبڻ جي ڳالهہ هلندي آ وڏي واڪي
اسانکي ياد ايندو آ اهو ئي مينهن محبت جو
جواني جُهڙ جهڙي گهاٽي وٺي جو ڏيک ڏيندي آ
اُهي سانوڻ اڃان تائين اسان ۾ اڄ بہ ساوا هن
اسان ۾ پيار تنهنجي جا نوان ڪي ٻار ڄاوا هن
اهو جي معجزو ناهي تہ آخر ڇا پلا آهي...!؟

اسان لاٿو ڪٿي آهي لڳن جي ليڙ تان توکي
اسانکي عشق تنهنجي جو وڳو پاتل اڃان آهي
خليفا خيال منهنجي جا رهيا تنهنجي رسائي ۾
پچائي تو پڪو مونکي ڪيو نينهن جي نهائي ۾
وڄان پيو مان وڄت وانگي سوين سُر ساز گڏ آهن
ٻڌان پيو مان رڳو توکي ڪئين آواز گڏ آهن
سموريون ڪائناتون پيي پرين تنهنجي پُڇا ۾ هن
اهو سچ آ سوا تنهنجي زمانا سپ هچا ۾ هن
اهو جي معجزو ناهي تہ آخر ڇا پلا آهي...!؟

حسن جي حد بندي ۾ پيي هزارن ڪان مٿي آهين
مان سوچان ٿو صبح سانجهي الائي تون ڪٿي آهين
اسان ۾ رهڻ جون راتيون اڃان تولئہ رکيل آهن
وڏا هن معجزا تنهنجا ڪئين ماٺهو ڪکيل آهن
ڪٿي تنهنجي وضاحت جو وظيفو اڄ بہ جاري آ
پڙهيل پاٽيءَ جيان توکي اسان ڏس پي چڙيو آهي
مرڻ جون موسمون کهڙيون اسان اڄ جي چڙيو آهي
اسانجي ساهہ جا سارا سڳا توسان سبيل آهن
اهو جي معجزو ناهي تہ آخر ڇا پلا آهي...!؟

❖

ٽُٽاسين ٻه اهڙا جو ٽُڪرا ٿياسين

ٽُٽاسين ٻه اهڙا جو ٽُڪرا ٿياسين
ڳنڍيو ڪون ڪنهن ڀي ٿي ڳترا ٿياسين
هجر جي هٿن ۾ پليو پيار پنهنجو
ڪڏهن پي جياسين ڪڏهن پي مئاسين
ٽُٽاسين ٻه اهڙا جو ٽُڪرا ٿياسين

پيڙ لاءِ پيالا وڏا درد جا هن
وجي غم ٿيندو پيو روز گهاٽو
اسان اُپ آٽي اکين ۾ رکيو آ
وٺا روز آهيون وڏا مينهن ٻڄي
ڏُڪاريل ڏُکن جا ڊگها ڏينهن ٻڄي
مٿان تو محبت جي ملڪيت منجهان ئي
ڪري ڏس چڏيو اڄ صفا لا دوا آ
ڪنيوسين جڏهن پاڻ مان پاڻ ڪي ئي
ڏنوسين تہ هاڻي نہ ڪٿ جا رهياسين
ٽُٽاسين ٻه اهڙا جو ٽُڪرا ٿياسين

وري واعدن جو وڳو پائجي کو
نئون گيت ڳڌجي وري ڳائجي کو
زمانا زبانن تي آڻين اسانکي
ڄمارون گذاري به ڄاڻين اسانکي
وري گهاءَ جي نئين کنهن گهوڙي چڙهون ٿئي
ڏُکي ڊوڙ پائيون ۽ پٽ تي ڪرون ٿئي
ڪلڻ ۽ ملڻ جا وري ڪيت پوکيون
انهيءَ لاءِ تنهنجو سڄو حُسن گهرجي
تڏهن خال پرجي وڃي مس خوشيءَ جو
اسان ڏينهن تولئه ئي ڏسندا رهياسين
ٽُٽاسين به اهڙا جو ٽُڪرا ٿياسين

جيئڻ ۽ مرڻ جي رهيو وچ ۾ ماٺهو
پيو سور سڏڪي منجهان ساهه ڪٽي ٿو
تڪيون طلب جون ڪئين ترارون وڍين ٿيون
هنئين منجهه تنهنجو هجڻ لازمي آ
ڏهاڙي توکي بس ڏسڻ لازمي آ
اُميدن جو ڪيڏو اجل هٿ ٿئي ٿو
پنل عشق جي اک ڪجل پيو وهي ٿو
اسان پاڳ تي پرت وانگي پريو آ
پرين پيار تنهنجو ها روح جي رليءَ تي
ڪچي قرب تنهنجو اچي پو ڪُناسين
ٽُٽاسين به اهڙا جو ٽُڪرا ٿياسين.

❖

مُلحد ماڻهو دهريو ماڻهو

مُلحد ماڻهو
دهريو ماڻهو
روز خدا تي ڪاوڙجي ٿو
پاڻ زمين تي هوندي پيو ڏس
اُپ مٿان پيو آڪڙجي ٿو
ها جڻ پنهنجو پاڻ اندر پيو
روز ڪري ۽ ٿاٻڙجي ٿو
ڪافر ماڻهو
آزر ماڻهو
روز خدا جي سامهون بيهي
پنهنجي دنيا پاڻ اڏي ٿو
جنگ جبل جيڏي هو جوٽي
سارو سامهون لوڪ سڏي ٿو
ديڳ دليلن جي چاڙهي پوءِ
ڪوڙ وهي ڪي ڳالهيون ڪري ٿو
پنهنجو پاڻ ۾ جڻ ته خدا تي
آسمان جي تهن ڪي پيو
اُٿلائي پٿلائي وينو
پاڻ جهڙا ڪئين ماڻهو ناهي
خواب خدا جو ڊاهي وينو
منڪر ماڻهو
ابتر ماڻهو
ڪو نہ ٻڌي ٿو ڪنهن جي پيي
تبريزي جيان سج جي سامهون
روز اکيون اٽڪائي ٿو

ڳالهہ صليبن جهڙي آهي
پل بہ نہ پوءِ پي گهبرائي ٿو
سيڙهي هُن جي سوليءَ تائين
پوءِ بہ ڏهاڙي ڏاڪا چڙهي ٿو
پنهنجي اُپ ۾ پاڻ اڪيلو
روز خدا ڄڻ ٽيندو وڃي ٿو
تهمتن جا طوق ڳچيءَ ۾
گهليندو پيو اڳتي وڃي ٿو
اوپر کان هو اولهہ تائين
دنيا جي هن گولي تائين
پنهنجو پاڻ کي پوکي وينو
خلق سڄي جي خيال کي کيڙي
ڄڻ تہ خدا کان روڪي وينو
پنهنجي دنيا پاڻ اڏڻ لئہ
پاڻ ۾ ڪوڪا ٺوڪي وينو
سقراطن جيان سينو تاڻي
زهر جو پيالو پيئي وينو
پوءِ بہ مرڻ جي منزل کان ڏس
اڳتي وڌي هو جيئي وينو
روز خدا جي سامهون وڃي ٿو
ڪنهن پي خوف کان ڪو نہ ڊڄي ٿو
هو خود ماڻهو
مُلحد ماڻهو
دهريو ماڻهو
ڪافر ماڻهو.

❖

غزل

خود ۾ خدا ٿيڻ جون ڳالهيون ڪنيو وتان ٿو
اکڙيون سموند جيڏيون آليون ڪنيو وتان ٿو

مونکي وري ڇمڻ جو آواز ڪنهن ڏنو آ!؟
پنهنجي ئي پاڻ جي لئہ پاليون ڪنيو وتان ٿو

هي محبتن جو ميلو تنهنجي هجڻ سان آهي
ورتل ڪلهوڪيون تولئہ واليون ڪنيو وتان ٿو

تو مان ئي آئون پرجي آهيان ڇڪار ٿي پيو
خود کي ئي پي ڇڏڻ لئہ پياليون ڪنيو وتان ٿو

ننڊپڻ نمن جي هيٺان رلندو رهي ٿو اڄ پي
تو ساڻ گڏ وڏيون ٿيون ٽاليون ڪنيو وتان ٿو

هٿ جي لڪير ميري ماٺهو وڃائي ويٺي
دل جي فقير اڳيان ٿاليون ڪنيو وتان ٿو.

❖

هي شهر رات جهڙو

هن شهر کي اکين جي
آهي گهڻي ضرورت
انڌي مزاج سان گڏ ماڻهو هتي رهن ٿا
ڪاري قضا ۾ ويڙهيل مُردن جيان لڳن ٿا
گُهٽ جي گهڻي مان نڪري
ڪو ساهه سلو ڪڻجي
خود ۾ پڇي ٻيهڻ لاءِ
ڪوئي ته ٻلو ڪڻجي

ڪاري اداس اک ۾ ٻاڙهو نہ خواب آهي
غم جي گهٽا ۾ ٽڙيو ڪو پيو گلاب ناهي
ماڻهو تہ هو مٽيءَ جو
ٿي پيو پٿر جو آهي
خود کي وڍڻ جي لاءِ
ٿي پيو خنجر جو آهي
مونکي ڏيئا ڪپن ٿا
هن رات کي ٻارڻ لئہ
دل جي دنگن تي وينل
هر نانگ کي مارڻ لئہ
رستا سُتا پيا هن ماڻهو مُئا پيا هن
هن شهر جي ڪنن ۾ جڻ ڪي سيئا پيا هن
ڪو ٻهي هتي نہ ڪنهن جي
ڪنهن ڳالهہ کي ٻُڌي ٿو
جڻ ڪاٺ منجهان ئي ڪو
ٻيو ڪاٺ پيو هٽي ٿو
پرزا پيو ٿي آهي ڪنهن سان نہ ڪٿ جُڙي ٿو
اُپريو ڪڏهن بہ ناهي هر روز پيو لڙي ٿو
هن جي حقيقتن جا
ڪهڙا حوالا لکجن
زنده هجڻ ڪان پهرين
مُردن جا نالا لکجن
هن شهر کي اکين لئہ

چشم ڪي چار گهرجن
آگر جهلي هلڻ لئہ
ننڍڙا ڪي ٻار گهرجن
هن شهر کي ضرورت ناهي زنده رهڻ جي
هن شهر کي تہ عادت ٿي وئي آهي مرڻ جي
هن شهر کي تہ جڏهن
جنهن پڻ اکيون ڏنيون هن
تلوار ساڻ لاهي
چڙ ڪي سسيون ڏنيون هن
هن شهر جي ڌهڻ جي آهي خبر پراڻي
هي شهر ماٺ جهڙو سنسان آ لڳو پيو
ماڻهن جي هوندي پڻ ڏس ويران آ لڳو پيو
هن شهر مان اميدن جي اڳڪٿي ملي ٿي
هي شهر ڪو نہ ٽيڙو آهي ڪڏهن مياڻي
هي شهر رات جهڙو
ٻيهر ڪڏهن نہ ٻرندو
هي شهر ماڻهو ماري
خود ۾ ئي پيو مرندو.

❖

غزل

عشق کي اک ۾ رکي پوءِ عورتون گهڙجن رُڳو
سون ۾ تورڻ جهڙيون ڪي صورتون گهڙجن رُڳو

نينهن جي نازل ٿيڻ جا ڏينهن لٿا هن پاڻ تي
ڇو نہ پنهنجي پيار تي اج آيتون گهڙجن رُڳو

تو آ جُهوڙيو جڳ سڄو ئي چاهہ جو چوٿو ڪري
سچ پُڇين اج تو مٿان بس محبتون گهڙجن رُڳو

تو غضب جو گهنج ڇهري ۾ وجهي جڏهن ڏٺو
سو سمو ءِ سال ڳڻجي ساعتون گهڙجن رُڳو

آئون توسان ئي سڄاتو ٿو وڃان هاڻي هتي
توسان ئي منسوب تنهنجون شُهرتون گهڙجن رُڳو

تون جوانيءَ جي جبل جي چوٽ تي آهين پُڳي
ڇو نہ تنهنجي بُت بدن تي بيعتون گهڙجن رُڳو.

❖

ڪيڏانهن هلي وئي آهين...!

مونکي صليب تي تون ٽنگيل ڇڏي اڪيلو
ڪيڏانهن هلي وئي آهين
هي عشق عيسيٰ جهڙو
اڄ تهمتن جي اڳيان بيٺو اداس آهي
دل جي گهٽيءَ مان گذريو ڪو بي لباس آهي
هي درد ڏوڙ وانگر
مون ڏي اچي پيو ڏڪبو
دلدل جهڙي دنيا ۾
منهنجي مرڻ جا موضوع
توساڻ هن مخاطب
تقسيم ٿي وڃڻ جي
تاريخ ٿي پيو آهيان
پنهنجو ئي پاڻ جي لاءِ
ڪا چيخ ٿي پيو آهيان
پنهنجي اکين جي وچ جو اڄ خواب ڪو مئو آ
بيڙيون ٻڏيون ٻکن جون اثباب ڪو مئو آ
هي جُهنڊ جهڙو منهنجو
جيئرو هجڻ به ڪهڙو
وڍيل وجود سان گڏ
مُرڪي ملڻ به ڪهڙو
هي خيال جهڙو خدشو
مونکي پيو ٿو ڪائي

منھنجو اندر اڏو اڏ
ٿي پيو ڪڏھوڪو آھي
ڪيرا ھي خواب منھنجا
رت جا رباب ٻڏيا
چولين جيان ئي ڇُلڪي
اکڙين جا آب ٻڏيا
ھي تڙپ جو تنبورو ڪيسين وڄايان ويھي
ٻالھين جا ڳوڙھا ڳاڙي ڪيسين مان ڳايان ويھي
ڪيڏانھن ھلي وئي آھين
دل ۾ اداسين جا
منظر مئا پيا ھن
خوشين جي خون ڪانپوءِ
اندر مئا پيا ھن
تنھنجي جدا ھئڻ جو
مون سان صليب گڏ آ
رت مان رباعيون لکندي
توکي ڪيو مون سڏ آ
ڪاپي وراڻي ناھي
سنسان ٿي ويو آھيان
ڪيڏانھن ھلي وئي آھين
آئون مري ويو آھيان
منھنجو ھجڻ بہ مون لئہ ٿي پيو نراس آھي
ٽنگيل ھي لاش منھنجو اڄ پيي اداس آھي.

❖

غزل

درياهه تي تون ملين جيڪر نديءَ تائين هليو هلبو
هي جهاڳي سمنڊ سورن جو صديءَ تائين هليو هلبو

ويس ڪٿجي ڪڏهوڪر آئون تنهنجي عشق آڱر مان
جي ٻانهن ۾ ٻڪين ٻيهر ٻڏيءَ تائين هليو هلبو

اسان جي سڪ سهڻي جان اُڇل سان پئي اُٿي هر هر
پلي ڳُن ڪن پيا ڪڙڪا ڪنڌيءَ تائين هليو هلبو

وراثت پيار مُحبت جي ڪبي دل جي دڪانن تي
بچڻ لئه جي بچين هڪ تون ونديءَ تائين هليو هلبو

اسان کي نينهن جي نُڪ تي چڙيو آ عشق اُڇلائي
پلي چڙ پيار ۾ پيسي جنديءَ تائين هليو هلبو.

❖

اي ڪراچي...!!!

اي ڪراچي توکي پائي مون رکيو آ اک ۾
ڳڌ آهيان توساڻ آئون ۽ تون منهنجي ٻک ۾

دل جي شاهراهه تان لنگهين ٿا قرب جا ڪئين قافلا
حسن تنهنجي مونکي بخشيا آهن ڪيڏا حوصلا
ساهه جي سوڙهي گهٽيءَ مان تنهنجو گذرڻ آ غضب
آئون اوپر ڪان اُٿي تو ۾ وڃان ٿو ٿي جذب
اڄ ٻه تنهنجي هوڏ تي ئي پيو لڏان مان لک ۾
اي ڪراچي توکي پائي مون رکيو آ اک ۾

سمنڊ توتي جڙ چتو هي ڪوئي عاشق ٿو لڳي
هيل هيڪاندي اجان تون مون ڏنو هو ڪجھ اڳي
لهر تنهنجي لڱ جي ٿي جي واءُ سان گڏجو وڃي
بيقراريءَ جي بدن جا پئي رڳو بس بُت پڃي
آئون ترڻ توسان گهران ٿو تنهنجي ئي بس تڪ ۾
اي ڪراچي توکي پائي مون رکيو آ اک ۾

آئون تنهنجي گهور جي گهوڙن پنيان ئي پيو ڊڪان
ڇهبڪن جهڙين ڇمين لئہ سينڌ تائين پيو سڪان
پاڻ تي پائي ڇڏڻ جهڙا رکين ٿي ويس تون
دل جي ڌرتيءَ لئہ ڪشادو آهين هڪڙو ديس تون
مون سڃاتو آهي توکي ڏک ۾ ۽ سُک ۾
اي ڪراچي توکي پائي مون رکيو آ اک ۾

تون تہ ڪولاچي مٿان جڙ ڪو سڃايل آسمان
نيڻ تنهنجي نعمتن اڳيان وڃن ٿيو ٿا حيران
تون قدآور عورتن جي چاھ جهڙو چاڳ آهين
مورڙا تنهنجا اسان ۽ تون اسانجو پاڳ آهين
سپ حسين تنهنجا حوالا تون پلي آن هرک ۾
اي ڪراچي توکي پائي مون رکيو آ اک ۾.

❖

اڏ چريو عاشق اوهان جو

آئون توهان پاڻ کي ئي
روز ٿو ڏوئي وجان
اڄ ٻہ آلو آئون ساڳيو
ڪٿ سُڪو آهيان اڃان
هي پراڻو پيار پنهنجو
پيو وڃي ٿيندو نئون
اڏ چريو عاشق اوهان جو
پيو وڃي ٿيندو سئون

مون ۾ لاٻارا وجهڻ لئہ
لڳ پنهنجا تون ڪٽي اڄ
آئون ڪرو تولئہ ٿيان ۽
ان وانگي تون چٽي اڄ
توکي ٻانهن سان ٻوهاري
ڪوڙ ڪي ويهي ڪيان
توتان جڳ جي جهار هڪلي
ڪانگنڙو ٿي وهي رهان

آئون تو ۾ پاڻ کي
پوکي وري پيهر ڦُٽان
تو منجهان وڻ ٿي وڌان ۽
تو مان ٽاريون ٿي ٽُٽان
دل جي ڌرتيءَ تي هن موريا
سڪ تنهنجيءِ جا سلا
آئون توکي ڪيئن اڪيلو
ايئن ڇڏي آخر وڃان

توکي محبت جي مُنڍيءِ ۾
آئون پائي ڪيئن پو لاهيان
سچ پڇين سهرا سمورا
سونهن تنهنجي جا پيو ڳايان
ڪاٺ ڪو اهڙو هٽي وچ
مونکي مون مان ئي ڪٽي وڃ
آئون هنئين جي هر جڳا تي
تنهنجي لئه وينو سڪان.

❖

غزل

تو ۾ ٻُڏي وڃان ۽ تو مان ئي تري نڪران
تو ۾ زنده رهان ۽ تو مان ئي مري نڪران

آ هيل مونکي بارش ڏاڍو آ وئي پڄائي
شل پاڻ کي نپوڙي تو مان ئي ٻري نڪران

درياه جي دهشتن کي دل جو ٿو دلو ڄاڻي
ميهار سان ملڻ لئه واپس ئي وري نڪران

هن خلق جي خوشيءَ لئه تنهنجو آ هجڻ لازم
تو سان جُڙيل هُجان ۽ تو مان ئي ڳري نڪران

تنهنجون اکيون نديءَ جيان ماڻهو ٽيون ڇڏن ٻوڙيو
پوءِ ڇو نه هاڻ آئون تو مان ئي ٺري نڪران

تنهنجي ئي کيت ۾ مون پوکي آ ڇڏيو خود کي
تو مان ٻڏي محبت جي شال پري نڪران.

❖

پرندي وسامي وياسين...!!!

کهڙا وجود پنهنجا کهڙيون بقا جون ڳالهيون
پرندي وسامي وياسين جهڙيون فنا جون ڳالهيون
غم جو گلاس پريل تک ساڻ ئي جو پيون ٿا
ڏُک ڏُک حياتي پنهنجي بس هارجون پيا ٿا
جيءَ ۾ وڏا جُهڙالا ويهي رڳو وڻاسين
خود ۾ مري وڃڻ جا ئي حادثا ڏٺاسين
تاريخ ۾ طلاقيون پنهنجي وفا جون ڳالهيون
کهڙا وجود پنهنجا کهڙيون بقا جون ڳالهيون

پنهنجي اڏو اڏيءَ سان سڀ ڪجهه ويو آ اڏ ٿي
خود کي ئي پي وڃڻ لئہ ماڻهو ويو آ مڏ ٿي
خالي خمار آهي ڪٿ ۾ نبار ناهي
خود کي کٽي هلڻ جو خود تي ئي بار آهي
هر ڳالهہ دل منجهان ئي ٿي آرپار آهي
اُس جو ننگو نياپو سج جي اکين جو اولو
پٺ تان ڪنئيو نہ ڪنهن ۾ پيو آ اُتي ڪلهوڪو
ويو ڪانگ ڦُري اڄ ۾ آ ٻار هٿ مان لولو
کهڙيون ڪجن پو ويهي خود لئہ دعا جون ڳالهيون
کهڙا وجود پنهنجا کهڙيون بقا جون ڳالهيون

لهرون لُڏيو لُڏن ٿيون اچيو ڪنڌيءَ لڳن ٿيون
هن سمنڊ جي اکين مان طوفان ٿيو اُٿن ٿيون
وڻ ٽڻ وڃائي پوءِ پيي جبلن ڏانهن رُخ رکن ٿيون
پنهنجي ئي هوڏ جو بس گهوڙو چڙهي گُهمن ٿيون
توکي سُتي صديون ٿيون جيئري نہ جاڳ تنهنجي
ڪٿ پيي ڏني نہ ويئي واريل ڪا واڳ تنهنجي
راڙو اُهو ئي آهي ڪاڙهو اُهو ئي آهي
خود کي ڪُهي چڏڻ جو لاڙو اُهو ئي آهي
ساهہ ۾ سبيل رهن ٿيون هر هڪ صدا جون ڳالهيون
ڪهڙا وجود پنهنجا ڪهڙيون بقا جون ڳالهيون

خود کي زنده رکڻ جو پيي ذائقو کپي ٿو
اُپ مان ٽٽو جو تارو آخر تہ ڪو جهپي ٿو
هن کي چئي چڏيون ۽ هُن ساڻ هلي ملجي
ڪيڏو رُنا ٻئي آهيون هاڻي تہ وهي ڪلجي
پنهنجي مٽيءَ جو ماڻهو پنهنجن هٿن سان گهڙجي
تلوار جي اکين سان تاريخ ويهي پڙهجي
دل جي درياهہ تي ٻيهي ٻي پار هليو هلجي
ڏرتي ڏُٻڻ نہ ٿيندي جي سمنڊ ڏکي چڏجي!؟
اڄ چو نہ ڪجن ويهي پنهنجي انا جون ڳالهيون
ڪهڙا وجود پنهنجا ڪهڙيون بقا جون ڳالهيون
ٻرندي وسامي وياسين جهڙيون فنا جون ڳالهيون.

❖

جمال خاشقجي

تاريخ جي تنبوءَ مان
ھڪڙو ڪُميت گھوڙو
ھڻڪار جي ھڪل سان
ناپوليون ھٽي ٿو
اي استنبول تو مان
اڄ رت پيو ڳڙي ٿو
قونيا سڄي ڪُنل آ
رومي بہ رت جھڙيون
آھن لکيون رُبايون
دل جي دجال پيھر
دنيا سڄي آ ڏوڏي
اخبار جون بہ سُرخيون
ڳاڙھيون لڳيون پيون ھن
ھاٽي امن جي اک مان
ڳوڙھو سُڪي نہ سگھندو
واپار جي منڊيءَ ۾
ماڻھو جو مُلھہ سستو
ٿي ويو آھي سپن کان
ھت ملڪ جا محافظ
بندوق جي اکين سان
سڀ ڪجھہ ڏسڻ لڳا ھن

گوليءَ جي گونج اڳيان
گھايو پکي پيو آ
هڪ آبشار اک جو
اڄ ڪيسري درياهہ جان
مون مان وهي رهيو آ
عربي سمونڊ توکي
ڇوليون ڇڪي ڪٺي ويون
ساحل سُتو پيو آ
جمال خاشقجي تون
خنجر جي نوڪ اڳيان
ورقن جيان وڍيو پيو
آهين اُتي اڪيلو
جت امن جا ڪبوتر
ويندا اُڏاريا هن
پر ناشتي ۾ ماڻهوءَ
جي گوشتن جا ٽُڪرا
ڪاڏا ئي ويندا آهن
اي استنبول پوءِ پيِ
تون ساهہ پيو ڪٽين ٿو
رت جا پريندي ڍُڪ تون
آخر نہ ڇو مرين ٿو....!!؟

❖

❊ استنبول جي سفارت خاني ۾ قتل ٿيل جمال خاشقجي تي لکيل.

ماڻهو خدا ٿيڻ کان اڳ ۾...!!!؟

خود کي گهڙي گهڙيءَ ۾ ٻيهر پُري وڃي ٿو
ماڻهو خدا ٿيڻ کان اڳ ۾ مري وڃي ٿو
هي آسمان نيرو
ڌرتي ڌمال جهڙي
هر ڳاله عشق اوڊي
آهي ڪمال جهڙي
دوزخ جو در ڪلڻ سان سارو ٻري وڃي ٿو
ماڻهو خدا ٿيڻ کان اڳ ۾ مري وڃي ٿو
هڪ آسمان کان پوءِ
ٻي آسمان تائين
تارن منجهان ڪو ماڻهو
جنهن دم تري وڃي ٿو
هڪ پلصرات اُڪري
ٻي پلصرات تان هو هلندي ڪري وڃي ٿو
ماڻهو خدا ٿيڻ کان اڳ ۾ مري وڃي ٿو
هڪڙي ثواب اڳيان
ڪيڏا گناه گڏ ٿيا
ويو ماس روزهجي ۽
آخر ۾ هڏا گڏ ٿيا
مخلوق جي مرڻ تي
ڪوپي نہ گڏيو آهي

سنسان صدائن کي
ڪنهن ٻيءَ نہ سڏيو آهي
ڏرتيءَ کان اُپ ڏي سو واپس وري وڃي ٿو
ماڻهو خدا ٿيڻ کان اڳ ۾ مري وڃي ٿو
سڀ معجزا مٽيءَ جا
ماڻهو مٽيءَ جو آهي
احساس جو اثاثو
دل جي گهٽيءَ جو آهي
سڀ صفتون سونهن ٿيون
هڪ ٻار جي اکين ۾
توکي ڏٺو مون آهي
انڪار جي اکين ۾
تارو نہ هوندي پوءِ ٻيو تڪڙو ترِي وڃي ٿو
ماڻهو خدا ٿيڻ کان اڳ ۾ مري وڃي ٿو
هن خوف کي جو کوٽي
ٻاهر ڪڍيو مون جڏهن
تلوار, تير ,ڀالا
سامهون ٿيا ها تڏهن
خود سان اڇي خودي جو
ڪلمون پڙهڻ کان پهرين
پنهنجي ئي ٻاهه اندر
ٻيهي ٻرڻ کان پهرين
فتويٰ فروش اڳيان ايندي ٽري وڃي ٿو

ماڻهو خدا ٿيڻ کان اڳ ۾ مري وڃي ٿو
تاريخ جي تپڻ جي
جاڳي پئي تند آهي
جيئري رهڻ جي لاءِ
هڪڙي ئي جند آهي
منسوب ٿي وڃڻ سان
سيني ملائڪن جون
سوچون سُڪي وڃن ٿيون
هن ڪائنات جون ڄڻ
ڪنڌون ڏڪي وڃن ٿيون
پرزا ٿيڻ کان پهرين ميڙي ڪٺي ٿو خود کي
ڳڻتي جي ڳاله اندر آخر ڳري وڃي ٿو
ماڻهو خدا ٿيڻ کان اڳ ۾ مري وڃي ٿو

وڏ ڦُڙي جيان وينئي وسان ٿي ...!!!

آئون ڏهاڙي وينئي ڏُڪان ٿي
سڪ جي سيءَ سٺيو آهي
ڪو ٻہ نہ گهبرو عشق اُتر ڪي
ڪيئن مون توبن ڪٽيو آهي
آخر توکي ڪيئن ٻُڌايان
پريو سيڪارا ساهہ ڪٽان ٿي
وڏ ڦُڙي جيان وينئي وسان ٿي

ٻاهر وراندي ۾ هو وينل
سلهہ جو ماريل ڪنگهہ جو ڪرٽيل
جنهن جي ننڊ کي ڪاٽ لڳل آ
چرڪائيندڙ چاٽ لڳل آ
تاڻي وينو اُپ جا تارا
اوپارا ۽ سپ لهوارا
مونکي تنهنجا خواب ڪٽن ٿا
آئون ڪٽ تان پاڻ ڪڇان ٿي
پنهنجو پاڻ ۾ روز پڇان ٿي
خيالن ۾ پئي توڏي اچان ٿي
آڌيءَ رات اڪيلي اُٿان ٿي

وڏ ڦُڙي جيان وڻني وسان ٿي

غم جو گهاٽو مينهن وٺو آ
مون تي نسورو نينهن وٺو آ
ٻوڪيو آهي ٻور انبن ۾
آئون چُران هٽ وڻني چنگن ۾
مونکي چِانگڻ وارا ڇورا
آئون جوانيءَ جهڙي جهنگ ۾
روز وڃان پئي گهاٽي ٿيندي
وقت ولوڙڻ جهڙو پنهنجو
محبت ماٺيءَ ساڻ ملي شل
جهونگارون ٿي روز جُهلي شل
کهڙي ويهي لڪ لڪان مان
توسان ڀاڪُر منجهه ڀچان مان
ٻيڪڙيل پئي در ڏسان ٿي
وڏ ڦُڙي جيان وڻني وسان ٿي

مون سان مکا ميل اچي ٿي
ڇڏ صبحاڻي هيل اچي ٿي
مونکي سنهڙي سيند ڏئي ڏس
هڪڙو پيرو نيند ڏئي ڏس
آئون جيڪا تولئہ جيئان پئي
اڄ جو درياهه اک سان پيان پئي

واسينگن جهڙا هي وڇوڙا
منهنجي واٽ وٺيو بيٺا هن
پوءِ ٻہ لتاڙي لڪ اچان ٿي
ڊوڙون پائي ڏُک اچان ٿي
ساھ ۾ سهڪو چوليون آهن
تنهنجون منهنجون ٻوليون آهن
پيار هندوري منجهہ لُڏان ٿي
آئون عرشن تائين پُڄان ٿي
چرڪ پريان ٿي اک مهٽيان ٿي
سلهہ ۾ ورتل ور ڏسان ٿي
وڏ ڦُڙي جيان ويٺي وسان ٿي.

❖

آئون اُن دور ۾ اچي ويو آهيان...!

آئون پنهنجي دور کي وساري
هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي ويو آهيان
جت صرف ماڻهن جا قد ئي ماپيا ويندا آهن
قدن جي ماپ جو دارومدار
دلين سان ڪا بہ وابستگي نٿو رکي
تنهن ڪري آئون قدن ۽ دلين کان الاهي پري بيٺل آهيان

آئون ان دور ۾ داخل ٿي ويو آهيان
جنهن دور جون موسمون
ماڻهن جي مزاجن سان بلڪل به نٿيون ملن
چِٽڻ ۽ نِڙڻ
جي ڪا به اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي
اپرڻ ۽ لهڻ جو اندازو
ماڻهن ۽ موسمن کي
ڏسڻ کانپوءِ به نٿو لڳائي سگهجي

آئون اُن دور ۾ داخل ٿي ويو آهيان
جنهن دور ۾ ماڻهو ماڻهوءَ کي نٿو سڃاڻي سگهي
۽ صرف قديم آثارن جون اکيون ئي ڳالهائي رهيون آهن
زندگيءَ کي ڪو به گيت ناهي
جي آهي ته فقط هڪ اهڙي ڪيفيت آهي
جنهن ۾ موت ۽ ماڻهو هڪ ئي شڪل جهڙا لڳي رهيا آهن

آئون هڪ اهڙي دور ۾ اچي ويو آهيان
جنهن دور ۾ تون به منهنجي ناهين رهي
۽ آئون مڪمل اڪيلو ٿي ويو آهيان
ايئن اڪيلو
جيئن خدا پنهنجو پاڻ ۾ اڪيلو هوندو آهي
پر آئون آخر ڇا ڪريان...!
خوف جيڪو مونکي خدا ٿيڻ به نٿو ڏي.

اڄ آئون سڄو ڏينهن تنهنجو ئي انتظار ڪندس...

اڄ آئون سڄو ڏينهن تنهنجو ئي انتظار ڪندس
سج جي لهي وڃڻ کان وٺي
سج جي اڀري اچڻ تائين
سمنڊ ۾ غرق ٿيل ٻيڙن کان وٺي
اميد جي آخري ڳولا تائين
مونکي صرف تنهنجو ئي انتظار ڪرڻو آهي

آسمان مان پٽ تي ڪرندڙ ستارن کان وٺي
ڌرتيءَ کي ڌوڏي ڇڏيندڙ زلزلن تائين
پکين جي اکين ۾ آيل ڳوڙهن کان وٺي
وڃي ويل وڻن جي واڪن تائين
مونکي صرف تنهنجو ئي انتظار ڪرڻو آهي

هڪ درياهه جي سُڪي وڃڻ کان وٺي
ٻي درياهه جي وهي اچڻ تائين
هڪ ڇوڪري جي جوان ٿيڻ کان وٺي
هڪ عورت جي پرڻجي وڃڻ تائين
هڪ ٻار جي ڄمڻ کان وٺي
هڪ مرد جي مري وڃڻ تائين
مونکي مسلسل تنهنجو ئي انتظار ڪرڻو آهي

آئون پنهنجي اداسين جو اڪيلو وارث هوندي به
تنهنجي انتظار ۾ ڪڏهن به اداس ناهيان ٿيو
منهنجي لاءِ

ضرورت جو پهريون ضد تون ئي تہ آهين
دل کي دلاسا ڏئي زندگي گذارڻ جو فن
صرف مونکي ئي اچي ٿو
تون منهنجي پيار جي پهرين تاريخ جو چنڊ آهين
جنهن کي صرف آئون ئي ڏسڻ ٿو چاهيان
هي منهنجو انتظار تنهنجي اچڻ تائين
اوجاڳيل ئي رهندو
ڇو تہ هاڻ مونکي صرف تنهنجو ئي انتظار ڪرڻو آهي

برسات جي بهي رهڻ کان وٺي
بادلن جي موٽي وڃڻ تائين
هن دنيا جي ٺهڻ ۽ ڊهڻ کان وٺي
خدا ۽ ماڻهو جو هڪ ٻي سان ملي وڃڻ تائين
آئون تنهنجي ئي انتظار ۾ رهندس

انتظار جيڪو مونکي اکيون بہ پورڻ نٿو ڏي
رات ۽ ڏينهن
منهنجي حالتن اڳيان هڪ جهڙا ئي آهن
مرڻ ۽ جيئڻ
مون تنهنجي انتظار جي اڳيان بهاري ڇڏيو آهي
هاڻ آئون تنهنجي انتظار کي
ڪڏهن بہ اڪيلو نہ ڇڏيندس
انتظار جنهن اڄ ڏينهن تائين اک بہ ناهي ڇنڀي
انتظار جيڪو هوبهو تو جهڙو ئي آهي
هاڻ آئون صرف تنهنجي لاءِ ئي جيئندو رهندس
هاڻ آئون صرف تنهنجي لاءِ ئي مرندو رهندس.

منهنجا نظم ۽ تنهنجون اکيون...

مون تنهنجي اکين مان
ڪيترائي نظم چوري ڪيا آهن
جن جي شڪل هوبهو تو جهڙي ئي آهي
آئون جڏهن به ڪٿ ڪو نظم پڙهندو آهيان تہ
ماڻهو مونکي
تاڙيون وڄائي اُٿي بيهي داد ڏيندا آهن
اها منهنجن نظمن جي نہ
پر تنهنجي اکين جي ئي ڪرامت آهي
منهنجا نظم
تنهنجي حُسن مان چونڊيل اُهي گل آهن
جن سان ڪيترا ئي روحن جا ريگستان
آباد ڪري ٿا سگهجن
سچ پڇين تہ
مونکي منهنجا نظم گهٽ
پر تنهنجون اکيون وڌيڪ لڳندا آهن.

❖

جڏهن به ڪو غيرت تي بحث ٿيندو آهي ته...!

جڏهن بہ ماڻهن تي
روئڻ جي موسم ايندي هئي
تہ آئون وڏا ٽهڪ ڏئي کلندو هئس
ڇو تہ اُنهن جو درد
مونکي پنهنجو درد محسوس نہ ٿيندو هو
جڏهن بہ ڪو حملا آور لشڪر
منهنجن پاڙيسرين تي ڪاهہ ڪري ايندو هو تہ
آئون ٻانهن سيراندي‎ءَ هيٺان ڏئي
گهري ننڊ سمهي پوندو هئس
ڇڻ تہ آئون ڄاڻو ٿي ننڊ ڪرڻ جي لاءِ هجان
جڏهن بہ ڪنهن عورت سان
ڪا زيادتي ٿيندي هئي تہ
آئون اُنهي‎ءَ جي قاتل ڪپڙن مان
جهاتيون پائيو پيو سندس جسم کي ڏسندو هئس
۽ مونکي پنهنجي پيڻ
ڪڏهن بہ ڪپڙن کان آجي نظر نہ ايندي هئي
هاڻ آئون ايترو تہ عادي ٿي ويو آهيان
جو منهنجي لاءِ شرم ڪا بہ معنيٰ نٿو رکي
ڇو تہ منهنجو نڪ
وڍجڻ جي ماپ کان بہ الاهي ننڍو ٿي پيو آهي
۽ هاڻ جڏهن بہ ڪو
غيرت تي بحث ٿيندو آهي تہ
آئون پنهنجو پاڻ کي
بيغيرت ٿي محسوس ڪندو آهيان.

❖

توهان اُنهن ماڻهن کان الڳ ٿي ويو...!

توهان اُنهن ماڻهن کان الڳ ٿي ويو
جن جي شڪل تہ توهان جهڙي ئي هوندي آهي
پر سندن ارادا
مري ويل ماڻهن جهڙا ئي هوندا آهن
جن منجهان خوشبوءَ جي
ڪا بہ اُميد نٿي رکي سگهجي
سواءِ بدبوءَ جي

توهان انهن ماڻهن کان الڳ ٿي ويو
جيڪي خواب ناهن ڏسندا
جن جون اکيون پٿر ٿي ويون آهن
جن جا پير
هڪ ئي جاءِ تي ڄمي بيهي رهيا آهن
جن مان اڳتي وڌڻ جو ڪو بہ آثار نظر نٿو اچي

توهان انهن ماڻهن کان الڳ ٿي ويو
جن کي ڏينهن ۽ رات جي
اهميت جي خبر ناهي هوندي
جن کي سج ۽ چنڊ
ڏسڻ ۾ تہ ايندا آهن
پر سمجهہ ۾ ناهن ايندا
جن کي ڌرتي صرف
هڪ گولو ئي لڳندي آهي

جيڪي صرف آسماني ڪتابن ڪانسواءِ
ٻي ڪنهن بہ ڪتاب کي تسليم ناهن ڪندا
جن وٽ صرف پنهنجا ئي ٺهيل خدا هوندا آهن
جيڪي صرف پنهنجي لاءِ ئي جيئندا آهن
۽ پاڻ ۾ ئي مري ويندا آهن

توهان انهن ماڻهن کان الڳ ٿي وڃو
جن جي اندر ۾ ڪو بہ رقص ناهي هوندو
جيڪي بي سُري زندگيءَ جو ڏکو باب لڳندا آهن
جن جي من مان ڪو بہ آبشار ناهي وهندو
جيڪي مڪمل صحرا جهڙا هوندا آهن
جن وٽ وهي ٽڪ نٿو پيجي سگهجي
جن منجهان ڪڏهن بہ ڪو آواز نٿو اچي سگهي

توهان انهن ماڻهن سان گڏجي وڃو
جيڪي ڌرتيءَ تي تہ سمهندا آهن
پر آسمان کي ضرور ڏسندا آهن
توهان انهن ماڻهن سان گڏجي ويهي رهو
جيڪي آئيندن جا خواب ڏسندا آهن
جن جون اکيون
موت جي خوف کان ناهن ڏڄنديون
جيڪي آسمان ۾ اڏامڻ جيڏي همٿ رکندا آهن
جن کي صرف زندگيءَ جو گيت ئي ڳائڻ ايندو آهي.

ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين ...!!!

غلاميءَ کي اکيون ناهن ٿينديون
ان ڪري ڄمڻ وقت ئي
منهنجي اکين ۾
سياهي جو سرمون وڌو ويو
تہ جيئن منهنجي اکين جي
ڳاڙهاڻ ختم ٿي وڃي

۽ منهنجو رت ڪڏهن به ولوڙجي نه سگهجي
ڇمڻ ڪان وٺي مونکي ٻڌو ويو آهي
هٿن ڪان وٺي پيرن تائين
منهنجي چرپر بند آهي
هاڻ ته آئون ڪُلڻ ڪانپوءِ به
پاڻ کي ٻڌل ئي محسوس ڪندو آهيان
منهنجي اکين تي رکيل غلاميءَ جا هٿ
مونکي آزاد آسمان به ڏسڻ نٿا ڏين
ڇمڻ ڪانپوءِ مرڻ وقت به
هو منهنجن پيرن کي ٻڌڻ ٿا چاهن
ڪفن جي ڪنڊ مان قاتل اکڙي سان
۽ ٻڌڻ ٿا چاهن
منهنجي ڪليل وات ۽ جاڙي کي
هت آئون
ڇمڻ ڪان وٺي مرڻ تائين ٻڌو ئي ويو آهيان
مون ڪڏهن به ڪو
ڳاڙهو خواب ناهي ڏٺو
خواب ڏسڻ ۽ تعبير ۾ تبديل ٿيڻ
ٻڌل نه پر ڪليل ماڻهو جي ئي نشاني آهي
پر آئون ته
ڇمڻ ڪان وٺي مرڻ تائين ٻڌو ئي پيو آهيان
۽ پنهنجو پاڻ ۾ ئي مري ويو آهيان.

❖

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته...

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته
توهان زنده رهو
ته پوءِ توهانکي سج سان گڏ اُڀرڻو پوندو
رات کي روشن رکڻ لاءِ چنڊ ٿيڻو پوندو
۽ سمنڊ جي ڀي ڪناري تائين به
پنهنجو پاڻ کي وٺي وڃڻو پوندو

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته
توهان زنده رهو
ته پوءِ توهانکي پکين جهڙا خواب ڏسڻا پوندا
آسمان ۾ اُڏامڻ جو هُنر سکڻو پوندو
۽ بازن جو خوف دل مان ڪڍڻو پوندو

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته
توهان زنده رهو
ته پوءِ توهانکي جبل ٿيڻو پوندو
تيز ڪاڙهن ۽ بارشن سان گڏ
زلزلن کي به منهن ڏيڻو پوندو

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ
توهان زندهہ رهو
تہ پوءِ توهان درياهہ جيان وهندا رهو
سمونڊ کي واپس ڏڪيندا رهو
۽ ڏُٻڻ کان پنهنجو پاڻ کي بچائيندا رهو

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ
توهان زندهہ رهو
تہ پوءِ توهان پنهنجن نسلن کان ننڊ کسي وٺو
جاڳ جي ٻيڙي ۾ سفر ڪندا رهو
۽ ڌرتيءَ جو گيت ڳائيندا رهو

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ
توهان زندهہ رهو
تہ پوءِ توهان مان موت جو خوف ختم ٿيڻ کپي
۽ توهان مان پنهنجي تاريخ جو
هڪ اهڙو تہ طوفان اٿڻ کپي
جنهن جي وڏڻ سان زمانا زرد ٿيڻ لڳن
جنهن جي تاثير مان ضميرن کي زندگي ملي پوي..

❖

سچ پڇين ته تو کانسواءِ...!!!

چنڊ کي چُمي ڏيڻ وقت
مونکي تون ياد اچي ويندي آهين
مونکي اڄ محسوس ٿيو آهي ته
زندگي ڪيڏي نہ خوبصورت هئي توساڻ گڏ
زندگي ڪيڏي نہ بدصورت آهي تنهنجي بغير
هن وقت آئون
دنيا جو اهو مظلوم ماڻهو آهيان
جنهن کان تنهنجي پيار جي

سموري ملڪيت ڪسيل آهي
تنهنجو مونکان ڪسجي وڃڻ
مونکان سڀ ڪجهہ ڪسجي وڃڻ جي برابر آهي
سچ پڇين تہ
هاڻ آئون غم جي گهاٽي غربت ۾ گذاريندو آهيان
ڏکن جي ڏينهن جو تلخ تجربو
هاڻ آئون توکي بنا هڪ جي ٻُڌائي ٿو سگهان
سچ پڇين تہ
زندگي ۽ موت جو فرق مونکي هاڻ سمجهہ ۾ آيو آهي
توکانپوءِ تنهنجي سار جو سمنڊ
مونکي روز ٻوڙي ويندو آهي
جنهن منجهان اکين جو تري ٻاهر نڪرڻ بہ
محال ٿي پوندو آهي
سچ پڇين تہ
تون ۽ تنهنجي پيار جي اهميت جو احساس
مونکانسواءِ ٻيو ڪير ڄاڻي ئي نٿو سگهي
اها حقيقت آهي تہ
هاڻ آئون توکانسواءِ
مڪمل غريب ٿي ويو آهيان
سچ پڇين تہ توکانسواءِ
منهنجو جيئڻ ئي جنجال ٿي پيو آهي.

❖

مونکي مڪمل ٿيڻ ڏيو...!؟

منهنجي مڪمل ٿيڻ کان اڳ
تون ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهين
اڌو اڌ ٿي ويل ماڻهو
ڇا واقعي مون جهڙا ئي ٿيندا آهن...!؟
آئون پنهنجي مڪمل ٿيڻ جي لاءِ
توکي ئي ڳولهي رهيو آهيان
ارتقا کان رهجي ويل منهنجو اڌ آسمان
مونکي اڌو اڌ ڪريو بيٺو آهي
آئون ڏسڻ ٿو چاهيان پاڻ کي تو جيان مڪمل
تون ڪٿي گم ٿي ويو آهين
آئون اڌ ڳوهيل مٽيءَ جو ماڻهو
توکي ئي ڳولهي رهيو آهيان
سمنڊ جي آخري لهر
مونکي ٻوڙڻ جي لاءِ سوچي رهي آهي
۽ هاڻ ته منهنجي دل به
ڏُٻڻ جيان ڏُٻڻ لڳي آهي
تنهنجو منهنجي مڪمل ٿيڻ کان اڳ
گم ٿي وڃڻ
منهنجي گمان ۾ به نه هو
رات ۽ ڏينهن ٿيڻ ڪانپوءِ به
سال ۽ صديون گذرڻ جي باوجود به
آئون مڪمل ناهيان ٿي سگهيو
ڇا منهنجي مڪمل ٿيڻ سان
توکي پنهنجي ڌهي پوڻ جو خوف ته ناهي جاڳي پيو...!؟

❖

آخري وصيت نامون...!!!

آسماني ڳالهيون تہ مونکي
سمجهہ ۾ اچي ويون آهن
پر زميني حالتون
اجان تائين مونکي سمجهہ ۾ ناهن اچي سگهيون
ڪفر جي ڪاري اک ۾
گناهہ جي ڄٽيل اُگهاڙي ٻار
پوري دنيا کي اُگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي
خدا جي هجڻ جي حقيقتن تي
نابري واري بيئنل وضاحتن جي وات تي
آخر ڪير اچي هٿ رکندو!؟
هاڻ تہ آئون بہ
زمين ۽ آسمان جي وچ وارو فاصلو اڪيلي سر ڳٽي
ويتر اڪيلو ٿي ويو آهيان
هٿن جون منجهيل لڪيرون
منهنجي مقدر جون ڦريون دستاويز آهن
جن کي ڏسي آئون پاڻ منجهي پيو آهيان
مونکي درياهہ ۾ وهنجڻ ناهي وڻندو
ڇو تہ منهنجي اکين ۾
اڳي کان ئي گهڻو سيلاب آهي
ماڻهو ملائڪ ۽ خدا
آخر ڪڏهن هڪ ٻي سان هم ڪلام ٿيندا...!؟
آئون پنهنجو آخري وصيت نامون تڏهن ئي لکندس
جڏهن زميني ۽ آسماني حقيقتون
مونسان گڏ ماڻهن کي بہ سمجهہ ۾ اچي ويندیون..

❖

آئون توکي ڳولهي واپس موٽي آيو آهيان...!؟

مونکي مٽيءَ جو خواب چئي
دفنائي ڇڏڻ وارن ماڻهن مان
منهنجون اکيون ڪنهن به کولي ناهن ڏٺيون
اکين جي ماڪين ۾ مري ويل منهنجا خواب
آخر ڪڏهن زنده ٿيندا...!؟
هاڻ ته آئون پنهنجي مٽيءَ جو
پاڻ ئي مرثيو ٿي ويو آهيان
ساپيان کان اڳ
مري ويل خوابن جي حالت تي
هت ڪير به نٿو روئي
آئون توکي ڪيترن ئي آسمانن تان ڳولهي
واپس موٽي آيو آهيان
پنهنجي گڏجي پوڻ جي لاءِ
آخر ڪيترن گناهن
۽ ڪيترن ثوابن جو هجڻ لازمي آهي!؟
منهنجو مٽيءَ تي هجڻ
۽ تنهنجو آسمان تي هئڻ
منهنجي سمجهه ۾ آخر ڪڏهن ايندو...!؟
اي منهنجي اميدن جا آخري خُدا
منهنجن خوابن کي مٽيءَ جو ملائڪ بڻائي
ته آئون پاڻ ۾ پورجڻ کان ٻاهر نڪري اچان...

❖

منهنجي مري وڃڻ جو اطلاع...!!!

هي سڀ ماڻهو چون ٿا تہ
آئون مري چُڪو آهيان
هاڻ مون ۾
زندهہ هجڻ جي ڪا بہ نشاني ناهي رهي
هلڻ ڏسڻ
اُٿڻ ۽ سمهي رهڻ
منهنجي زندهہ هجڻ لاءِ ڪافي ناهي
رات جهڙيون منهنجون ڪاريون اکيون

ڏينھن ڏسڻ جي قابل ناھن رھيون
منھنجو رت ڳاڙھو ھئڻ جي باوجود بہ
ڏينھون ڏينھن ڇڊو ٿيندو پيو وڃي
غيرت جو گھٽجي وڃڻ ئي
موت جي پھرين علامت آھي
پر مون ۾ تہ
زندھ ھجڻ جون سموريون علامتون موجود آھن!؟
ساھ کڻڻ
کائڻ پيئڻ
۽ وڏا وڏا ٽھڪ ڏيڻ
ڇا اھو زندھ ھجڻ لاءِ ڪافي ناھي...!؟
ماڻھو منھنجي مري وڃڻ جو اطلاع
منھنجن ڪنن تائين کڻي آيا آھن
۽ آئون ڪنن ۾ آڱريون وجھي وھي رھيو آھيان
ھو سڀ ماڻھو
مونکي گڏجي اھو چئي رھيا آھن تہ
تنھنجو مڪمل مري وڃڻ ئي
اسان لاءِ فائدي مند آھي
ڇو تہ تنھنجي زندھ رھڻ سان
ڪيترن ئي ماڻھن جو رت ڇڊو ٿيندو
۽ ڪيترا ئي نسل پنھنجي غيرت وڃائي ويھندا.

❖

اسراءَ الغمام۾ آسمان جو اڪيلو خدا...!!!

ماڻهو جيڪو
خدا کان ٻيو وڏو خدا ٿيڻ ٿو چاهي
حوس سموريون حدون اورانگهي
ڪيترائي جسم ڪائي چڙيا آهن
خدا کي ڳولهيندڙ ماڻهو
ڌرتيءَ تي خود خدا ٿي وهي رهيو آهي
اُتن جي ٿوهن جو قسم
ابليس جي اک
ماڻهوءَ جي منافقت جيتري ئي ٿيندي آهي
ڪجين جيڏا ڏگها قدآور ماڻهو
اج عورت جي ڪُڙيءَ کان بہ ننڍڙا لڳي رهيا آهن

اسراءَ الغمام تنهنجي آواز جي اُڇل
ڪيترن ئي خاموش سمونڊن ۾
ساھ وجهي ڇڏيو آهي
واريءَ جهڙا وجود
هاڻ تو اڳيان ڍهڻ لڳا آهن
مراقبن ۾ ويڙهيل ڇهرن مٿان چادر
تو ئي تہ ڇڪي لاٿي آهي
ماڻهوءَ جي اگهاڙپ ٿي پوڻ کي بدنامي جو پوندو
توکان سواءِ ٻيو ڪير ٿو ڏئي سگهي
تنهنجي بيگناھ قتل جي دانهن
خدا وٽ عرش تي پُڄي چُڪي آهي
تنهنجو ڪپيل ڪنڌ
سموري ڪائنات جو ڪپيل ڪنڌ آهي
عرب ملڪن جو صبح
اڄ رات ۾ تبديل ٿي ويو آهي...!
پوءِ بہ
زمين جا سمورا خدا
تنهنجي قتل تي گڏجي کلي رهيا آهن
جڏهن تہ
منهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪيل آهي
۽ آسمان جو اڪيلو خدا تو مٿان روئي رهيو آهي.

❖

* ايران ۾ فتويٰ ڏئي قتل ڪيل اسراءِالغمام تي لکيل

عشق جو انٿون آسمان...

خُدا کي ٻڌائڻ جهڙيون ڳالهيون
آئون صرف توساڻ ئي ڪرڻ ٿو چاهيان
پاڻ ٻنهي جا بُرج ته الڳ آهن
پر پاڻ ٻنهي جي حالت هڪ جهڙي ئي آهي
تون منهنجي ڪائنات جو اهو ڪتاب آهين
جنهن کي مون
پنهنجي دل جي دنگن تي وهي لکيو آهي
آئون تنهنجي سڪ جو ستون آسمان اورانگهي
اڄ عشق جو انٺون آسمان ٿي ويو آهيان
هاڻ مون مان

پٽ تي ڪرڻ جو خوف ختم ٿي چُڪو آهي
ڪنن ۾ ڪيل ڳالهيون
دماغ ۾ گهڙي وهي رهنديون آهن
پر تنهنجو منهنجي دماغ ۾ هجڻ ڪان وڌيڪ
منهنجي دل ۾ هجڻ لازمي آهي
ڇو تہ پاڻ ڪي ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪرڻيون آهن
دل ۽ دماغ جي وچ ۾
رات ۽ ڏينهن جي وچ ۾
ڇو تہ هاڻ پاڻ ڪي اداس ناهي ٿيڻو
پاڻ ڪي دليلن جي دنيا ۾ رهي
خلا ۾ خوشبوءِ پرڻ جي ڳالهہ ڪرڻي آهي
سچ ڪي سمنڊ ۾ وهنجارڻ جي ڳالهہ
هاڻ پاڻ ٻنهي ڪي گڏجي ڪرڻي آ
تون جڏهن بہ مون سان
عشق جي انين آسمان تي ملڻ ايندينءَ تہ
آئون اُهي سموريون ڳالهيون توڪي ئي ٻڌائيندس
جيڪي ڳالهيون
آئون اجان تائين خُدا کي بہ ناهيان ٻُڌائي سگهيو.

❖

آئون توهه گُناهه جو گهر اڏي وهي رهڻ ٿو چاهيان...

گُناهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ
مون توکي پاڻ منجهه ئي رکيو آهي
رات جي ڪاري اک
صبح جي پنل اک تي ڪڏهن به ناهي سوچيو
مون پنهنجي عمر جو اڌ حصو
توهه آوارگيون ڪندي ئي وڃايو آ
باقي بچيل اڌ حصو
مون پنهنجي اُگهاڙپ کي ڏئي ڇڏيو آ
هاڻ مون مٿان ڪو به لباس ناهي
آئون پنهنجي اُگهاڙي هئڻ جو اعتراف
صرف توسان ئي ڪري ٿو سگهان
ان ڪري جو مونکي پڇتاءُ جي پويان ڊوڙڻ ناهي ايندو
ءِ نه ئي وري ڪو ماتم ڪرڻ ايندو اٿم
مون پنهنجا سمورا گناهه
تنهنجن گناهن سان گڏي ڇڏيا آهن
جن جي عمر به هڪ جيتري ٿي چڪي آهي
تنهنجن تلوار جهڙين
تکين اکين کان به ڪو بچي سگهي ٿو ڇا...!؟
مونکي تنهنجي جواني جي جنگ فتح ڪرڻ جو
پورو هُنر حاصل آهي
خدا جي خيال ۾ خلل وجهڻ جهڙي چوڪري
آئون توهه مڪمل
گناهه جو گهر اڏي وهي رهڻ ٿو چاهيان.

❖

عشق جي عمر تنهنجي اکين کان وڏي ناهي...!

مون مٿان محبتن جا مينهن
صرف تنهنجي ئي
جواني جي جُهڙ منجهان وٺا آهن
آئون پاڻ کي نپوڙي
توکي پاڻ مان ٻاهر ڪيڻ نٿو چاهيان
ڇو تہ سونهن جي سوڪ
منهنجي ساهہ ۾ سيرون وجهڻ جي لاءِ ڪافي آ
آئون اهو اعتبار سان چئي سگهان ٿو تہ
عشق جي عمر
تنهنجي اکين کان وڏي ناهي
۽ تون جيڪا مونکي
خدا جو پهريون خواب ئي تہ لڳندي آهين
هاڻ مونکي دنيا جي
حسين هجڻ جو حوالو ملي ويو آهي
تون محبتن جي اُها منزل آهين
جنهن جي رسائي منهنجي روح تائين آهي
آئون ڪيڏو نہ خوشنصيب آهيان
جو مونکي تنهنجي پيار جي
بادشاهيءَ جو تخت حاصل آهي.

❖

اڄ ڪير به روئي سگهي ٿو...!!!

ماٺھو مٽيءَ جو خواب آهي
ان ڪري هو هاڻ
ڪو به خواب ڏسي نہ سگهندو
موهن دڙي جي مورتين کي ٻڏائي ڇڏيو تہ
اڄ رقص جي چيلهہ ٽٽي پئي آهي
اڄ سمبارا جي ساهہ ۾ سڏڪو پريل آهي
اڄ ڪو بہ گھنگھرو گيت نہ ٿي سگهندو
اڄ دجلا ندي وهڻ ڇڏي ڏنو آهي
اڄ ڪا بہ ڪنواري گنگا ۾ گناهہ ڌوئڻ نہ ويندي
اڄ تاج محل جا مينار پٽ تي ڪري پيا آهن
۽ سمنڊ ۾ سوڳ جيڏي سانت اچي وئي آهي
اڄ ڪائنات جي اداس ٿي وڃڻ جو ڏينهن آهي
اڄ خدا سان مخاطب ٿي
ماڻھو جي مري وڃي تي ڳالهائڻ جو ڏينهن آهي
اڄ ڪنهن بہ اداڪار جي اک مان
ڪو بہ مصنوعي ڳوڙهو نہ ڳڙندو
ڇو تہ اڄ روئڻ جي رات آهي
اڄ ڪير بہ روئي سگهي ٿو
ڇو تہ هاڻ سندس آواز درد ۾ ٻڏجي چُڪو آهي
جنهن کي مٽيءَ جو خواب ئي ڇئي ٿو سگهجي
اڄ ڪيترائي گيت غم جي ڌُن ڳائي رهيا آهن
اڄ ڪيترائي اسٽيج جي دنيا جا ڊائلاگ
تو ڏانهن اکيون ڪٽي ڏسي رهيا آهن
پر افسوس جو موت تنهنجي اکين تي
هميشہ جي لاءِ پنهنجا هٿ رکي ڇڏيا آهن...

❖

* فلم انڊسٽري جي بهترين ادڪار عرفان جي وفات تي لکيل

بنا ڪپڙن جي لڪيل نظم...!!!

بنا ڪپڙن جي لڪيل نظم
هوبهو هن معاشري جهڙو ئي آ
سندس انگ انگ تي لڪيل
چمين ڪان وڏيڪ چڪن جا نشان پڙهي
شهوت جهڙو شوڪارو ئي پري ٿو سگهجي
هڪ ئي رات ۾
ڪيترن ئي گراهڪن سان گڏجي
سمهندڙ هي نظم
هٿن مان ڪري پيل
شراب جي بوتل جهڙو ئي لڳندو آ
۽ ڪٽ وري
فلٽر تائين سڙي ويل
سگريٽ جهڙو پيو ڏيک ڏيندو آ
هن نظم ڪان ۽ هاڻ
ڪپڙن پائڻ جي عادت ئي وسري وئي آ
مسلسل اگهاڙو رهڻ جي ڪري
ساڻس ڪيتريون ئي زوري زنا جهڙيون
زيادتيون ٻه ٿينديون رهيون آهن
هن اجتمائي لڄالُٽ جهڙي نظم کي
جيڪڏهن آئون شهر ۾ وٺي آيس ته
سڄو شهر ئي اُگهاڙو ٿي پوندو.

❖

ھاڻ منهنجي ڪا بہ اضافي قبر نہ کوٽجو...!!!

منهنجي لاءِ
جيڪا بہ قبر کوٽي وئي آهي
اُنهيءَ مان نانگ نڪتو آهي
نانگ جيڪو عذاب جي نشاني آهي
زندگيءَ ۾ لڳل نانگن جا ڏنگ
مونکي قبر تائين بہ بخش نٿا ڪن
آئون پنهنجي قبر کان وڌيڪ نانگ کي ڏسي رهيو آهيان
نانگ جيڪو مونکي ڄمڻ کان وٺي
مسلسل ڏنگيندو رهيو آ
قبر جو نانگ ۽ دنيا جو نانگ
ڏسڻ ۾ بہ هڪ جهڙا آهن
تہ وري ڏنگڻ ۾ بہ هڪ جهڙا ئي آهن
مون دنيا جي نانگن جا ڏنگ سٺا آهن
ان ڪري هاڻ منهنجي ڪا بہ اضافي قبر نہ کوٽجو
ڇو تہ دنيا جي نانگ کان بچڻ جي لاءِ
هاڻ آئون
قبر جي نانگ سان ئي گڏجي سمهڻ ٿو چاهيان.

❖

مونکي چون ٿا تہ توُن اسان مان ناهين...!!!

مونکي چون ٿا تہ
تنهنجون اکيون اسان کان مختلف آهن
۽ تنهنجو مهاندو
اسان سان مشابهت نٿو ڏي
تنهنجو ۽ اسانجو نسل هڪ جهڙو ناهي

مونکي چون ٿا تہ
اسانجو جمڻ گولين جا آواز ٻُڌي ٿيو آ
اسانجي ڪنن ۾ وڏي آواز سان
قبيلي جي قتل ٿيل ماڻهن جا نالا وڌا ويا آهن
اسان کي سُتي ۾ ئي دشمنيءَ جو رت پياريو ويو آ
اسان جا هٿ تلوارن کي تکو ڪندي فخر محسوس ڪندا آهن

مونکي چوڻ ڏيو تہ
توکي ماڻهوءَ جو ماس کائڻ نٿو اچي
تون جهنگ جي ٻولي کان اڻ واقف آهين
توکي جانورن جي زبان سمجهہ ۾ ناهي ايندي
ان ڪري جو تنهنجي مُڇ جو موڙ
اڃان مرد ٿيڻ جي منزل تائين ناهي پهتو

مونکي چوڻ ڏيو تہ
تو مان اسانکي ٻزدليءَ جي بوءِ ايندي آ
تنهنجو عقل عورت جي عقل جيان ڏائي ڪُڙيءَ ۾ آ
تنهنجو عقيدو اسانجي عقيدي کان ڪمزور آ
تون اسان کان ان ڪري بہ مختلف آهين
جو تنهنجي اکين ۾ ڪارو ڪجل پريل آهي
۽ اسانجي اکين ۾ رت جو سرمون جمڻ کان وٺي وڌو ويو آ

مونکي چوڻ ڏيو تہ
باهہ ۽ مٽيءَ جي پيدائش گڏ نٿي هلي سگهي
اسان پلاند جي پلال کي ٻاري
مري ويل ماڻهن مٿان وهي پنهنجا هٿ سيڪيندا آهيون
اسان موت جي ماچيس جون اهڙيون تہ تيليون آهيون
جن کي هڪ ئي وقت گڏي ٻاري سگهجي ٿو

مونکي چوڻ ڏيو تہ
تون اسانجي نسلن جي مٽيءَ مان نهيل ناهين
ڇو تہ تنهنجي اکين ڪڏهن بہ ڳاڙها خواب ناهن ڏٺا.

❖

هي ڪنهن جو لاش آهي...!؟

هي ڪنهن جو لاش آهي...!؟
جنهن کي هوائون
وڏيڪ ننڊ سمهارڻ جي لاءِ لوڏي رهيون آهن
۽ پکي پنهنجون اکيون مهٽي
گلن کي پاکر پائي پار ڪڍي منهن مٿو پٽي رهيا آهن
نون مهينن جي ڪُک
سُنڌ ٿيڻ جو سور پي چڙيو آهي
عرش تي نهيل جوڙا
مٿيءَ تي ملڻ ڪانپوءِ ڇو الڳ تي ويندا آهن...!؟
حوس جي حدن ۾ مري ويل ماڻهن کي ته
صرف جسمن جي ئي ضرورت هوندي آ
عورتن جي اڱڻن ۾ بڌل
مردن جا مغز
الائي ته ڪڏهن آزاد ٿيندا
آئون تنهنجي لتڪيل لاش تي
سمنڊ جيڏا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهيان
ڪائنات پنهنجو پاڻ کي ڪاري چادر ۾ ويڙهي چڙيو آهي
اج سج جي اڀرڻ جو ڪٿان به آثار نظر نٿو اچي
ان ڪري جو اج آسمان جو خدا
زمين جي ننڍڙي خدا جي لاش تي روئي رهيو آهي.

* زيادتي ٿيل ڇئين سالن جي معصوم تي لکيل.

خدا جو لکيل پهريون خط...!!!

مونکي خدا جو لکيل
پهريون خط پڙهڻو آهي
۽ ڏاڪڻ رکي آسمان تي چڙهي وڃڻو آهي
آدم ۽ ابليس جي وچ ۾
لڳل جنگ کي نبيرڻ جي لاءِ
خدا جي لکيل پهرئين خط جو هجڻ لازمي آهي
آئون نٿو چاهيان تہ
سج جي اک تي هٿ رکي
ڪنهن ڪاري رات ۾ لڪي وڃجي
آسمان جون ڳالهيون
زمين تي آڻڻ جي لاءِ
مونکي آدم ۽ ابليس جي صُلح لاءِ
سوچڻو پوندو
خط جي وڃائجي وڃڻ جي ذميداري تہ
ڪير بہ کڻڻ لاءِ تيار ناهي
آئون گناھ ۽ ثواب کي آخر ڪيئن گڏي ويهاريان.!؟
اڃان تہ آدم ۽ ابليس جي وچ ۾
لڳل جنگ جو نبيرو ئي ناهي ٿي سگهيو
جيسين مونکي
خدا جو لکيل پهريون خط نٿو ملي
تيسين آئون آسمان تي ئي رهندس
۽ سج جي اک تي رکيل پنهنجو هٿ هٽائي ڇڏيندس.

❖

اڄ مونکي اُنهن ئي ماڻهن سان ملڻو آهي...!

اڄ مونکي اُنهن ماڻهن سان ڳالهائڻو آهي
جيڪي ماڻهو
پنهنجي زندگيءَ ۾ به زنده ناهن رهي سگهيا
اڄ مونکي اُنهن ئي ماڻهن ڏانهن وڃڻو آهي
جن جا ذهن زنجيرن ۾ ٻڌل آهن
جيڪي شڪل مان ته ماڻهو ئي لڳن ٿا
پر جيئڻ وري به جانورن جهڙي زندگي ٿا
اڄ مونکي اُنهن ئي ماڻهن سان ملڻو آهي
جن لاءِ صبح ۽ شام

رات ۾ ڏينهن ڪا بہ معنيٰ نٿا رکن
جن کي جيئڻ کان وڌيڪ
مرڻ جيتري مهلت سان ئي محبت آهي
جن پنهنجي قبر پاڻ ۾ ئي کوٽي ڇڏي آهي
اڄ مونکي اُنهن ئي ماڻهن جون اکيون کولي ڏسڻيون آهن
جن خواب ۾ ڪڏهن بہ آسمان ناهي ڏٺو
جن جا پر پکين وانگر پٽيل آهن
جن جا پير
ڌرتيءَ تي هلندي درد کي محسوس ناهن ڪري سگهندا
جن کي اکين ۾ آگُر هڻڻ کانسواءِ
ڪڏهن بہ خبر ناهي پئجي سگهندي
تہ اک ڇنڀ ڇاهي
اڄ مونکي اُنهن ئي ماڻهن تي ويهي روئڻو آهي
جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ مري چُڪا آهن
جن جي دفن ٿي وڃڻ جا ڏينهن ويجها ئي آهن
جن مٿان هاڻ ڪڏهن بہ فخر سان کلي نٿو سگهجي
جن مٿان هاڻ فقط روئي ئي سگهجي ٿو
اڄ مونکي جي ٿوري بہ فرصت ملي تہ
اڄ آئون پنهنجو پاڻ سان بہ ضرور ملندس
۽ پاڻ تي ئي ويهي روئندس.

❖

هاڻ آئون ڪڏهن به اکيون بند نه ڪندس...!

آئون ڪيترائي ڀيرا
اکيون کولي ۽ اکيون بند ڪري سُتو آهيان
پر خدا مونکي ڪڏهن بہ خواب ۾ ناهي آيو
آئون آدم جي پٽ کان وڌي
حوا جي ڏيءَ کي ڏسڻ لاءِ
ڪائنات جي ڪنڊن تائين ويو آهيان
مونکي پنهنجو پاڻ ڪانسواءِ
ٻيو ڪجھ بہ ملي ناهي سگهيو
فطرت

ماٺوءَ جي فنا ڪان الاهي وڏي آهي
مٿيءَ مان گهڙيل ماٺو
بارشن ۾ پچڻ ڪانپوءِ آخر ڇو نٿو ڀُري پوي...!؟
ڪنن ۾ پيل آڱرين ڪي
مون هاڻ ڪڍي ڇڏيو آهي
هاڻ هر آواز منهنجي اندر سان اچي ٽڪرائجي ٿو
جنهن کي ٻڌڻ ڪانپوءِ مون ۾
اڏامڻ جيڏا پر ڦُٽي ٿا اچن
تاريخ جا تباهه ٿيل آثار
مون پنهنجي پهرين پيڙهيءَ مان ئي ڏسي ورتا آهن
مونکي درد جي دوزخ جو اندازو
اکيون کولڻ ڪانپوءِ ئي ٿيو آهي
سمنڊ مٿان هوا جو هلڻ
مون اکيون کولڻ ڪانپوءِ ئي ڏٺو آهي
هاڻ آئون پنهنجون اکيون ڪڏهن به بند نه ڪندس
ڇو ته اکيون بند ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ
مونکي ڪڏهن به خدا خواب ۾ ناهي آيو...!
❖

رستا جيکي ماڻهو کي کيڏانهن به وٺي وڃي سگهن ٿا...!

موُنکي رستا متاثر ناهن ايندا
ان ڪري آئون
هڪ ئي جاءِ تي بيٺل نظر ايندو آهيان
درياهه جي بيهي رهڻ
۽ سمنڊ جي وڏي اڇڻ جي
موُنکي ڪا بہ خبر ناهي پئجي سگهندي
ڇو تہ منهنجو ساحلن تي وڃڻ ئي ناهي ٿيندو
وڻن جي وڍجي وڃڻ جو ڏک

مونکي ڪڏھن بہ
پکين جي اکين مان محسوس ناھي ٿيو
ڇو تہ آئون صرف سڌن ئي رستن تي ھلندو آھيان
منجھيل رستن جا موڙ
مونکي ڪنھن بہ وقت پنھنجو پاڻ مان وڇائي ٿا سگھن
آئون نڪ جي سڌائي تي ئي ھلندو آھيان
ان ڪري مونکي رستا متائن ناھن ايندا
عمر جي آڳر کي جھلي ھلڻ جو ھنر
مون پنھنجن وڏن کان سکيو آھي
ھڪ ئي جاءَ تي رھڻ جي ڳالھہ
صدين کان وٽي مون سان گڏي اچي
اباڻن قبرستانن جي قبرن جا پراڻا ڪتبا
اڄ بہ مونکي منھنجي سڃاڻپ جھڙا لڳندا آھن
ان ڪري ئي مونکي رستا متائڻ ناھن ايندا
موڙ جيڪي ماڻھو کي ڪيڏانھن بہ وٺي وڃي سگھن ٿا
ھاڻ مونکي ڪنھن بہ موڙ ڏانھن مڙي ناھي ڏسڻو
ڇو تہ...!؟
رستن جي وڃائجي وڃڻ سان ئي ماڻھو وڃائجي وڃي ٿو.

❖

اڄ وسامي ويل ڏيئي جو ڏينهن آهي...!!!

اڄ اُداس عورتن جو ڏينهن آهي
اڄ ڪا بہ عورت
پنهنجي پٽ کي جنم نہ ڏيندي
اڄ ڪا بہ ماءُ
پنهنجي مٿي ۾ تيل نہ وجهندي
ڇو تہ اڄ
وسامي ويل ڏيئي جو ڏينهن آهي
اڄ تهمتن جي تاريخ
مذهبن جي مٿيءَ جي طوفان سان
ماڻهن کي انڌو ڪري ڇڏيو هو
اڄ پهاڙن جي چوٽين کي باهہ لڳي هئي
۽ پکين جا پر پٽيا ويا هئا
اڄ ڌرتيءَ جي ڏُبي وڃڻ جو ڏينهن آهي
۽ آسمان جو پٽ تي ڪري پوڻ جو مليل اطلاع آهي
اڄ ڪا بہ عورت
ڪٿي بہ ويهي روئي سگهي ٿي
ڇو بہ اڄ دنيا جي دفن ٿي وڃڻ جو ڏينهن آهي
اڄ آئون اداس عورتن کي
صرف نوحا ئي ٻڌائيندس
تہ جيئن هو وڏيڪ روئي سگهن
ڇو تہ اڄ
ڪاري رات جي وچ ۾ وسامي ويل ڏيئي جو ڏينهن آهي.

❖

* مشال خان جي شهادت تي لِکيل.

مزدور جي اک جيڪا صرف ماني ڏسڻ ٿي چاهي...!!!

اج سمورن ماڻهن مات جا روزا رکي
پنهنجن گهرن جا دروازا
بند ڪري ڇڏيا آهن
بند ٿي ويل دروازا
هاڻ ڪير به نٿو کولي
گلين ۾ ہرندڙ بلبن کي
رات ۽ ڏينهن هجڻ جو فرق وسري ويو آهي
زندگيءَ جي جنگ کٽڻ لاءِ
سڀ ماڻهو پنهنجن گهرن ۾
مورچا بند ٿي ويهي رهيا آهن

دروازي تي ڪيل ڪڙڪو
هاڻ ڪنهن کي بہ ٻُڌڻ ۾ نٿو اچي
مسجدن جا ممبر
مندرن جا در
۽ گرجا گھرن جا گھنڊ
هڪ ٻي ۾ ڏسي خاموش ٿي ويا آهن
هاڻ تہ ماڻ جو روزو
ماڻهن سان گڏ عبادت گاهن بہ رکي ڇڏيو آهي
مزدور جيڪو خدا جو دوست آهي.!؟
اهو فلسفو
بک اڳيان ٻجي پور ٿي پيو آهي
سيئي هُجرا بک اڳيان اڄ بي معنيٰ ٿي پيا آهن
ڳيپي جي ڳولا جي ڳالھ
خدا جي ڳولا کان وڏي وڏي ٿي چڪي آهي
مزدور جي اک
جيڪا صرف ماني کي ڏسڻ ٿي چاهي
ماني جيڪا هفتن تائين
ڪارخانن جا دروازا بند ڪري مورچا بند ٿي وهي رهي آهي
۽ مزدور خدا جو دوست
خدا کان وڌيڪ ماني کي ڳولهي رهيو آ.

❖

هوا جيڪا خوشبوءِ جو رقص آهي...!

هوا جڏهن بہ مونکان
گلن جي باري ۾ پڇندي آهي تہ
آئون سڄو خوشبوءِ تي ويندو آهيان
مونکي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ
آئون ڄڻ تہ ڪنهن تازي ٽڙيل
گلابن جي باغ ۾ اچي ويو هجان
هُن جون ڳالهيون
مون منجهان ڪيترائي
پيار جا پوپٽ اڏاري وٺنديون آهن
هوا جيڪا خود بہ گل آهي
ڪيس خوشبوءِ جو رقص بہ چئي سگهجي ٿو
آئون سندس چپن جي ٿاريءَ تان
جڏهن بہ ڪا محبت جي مکڙي ماڻڻ چاهيندو آهيان تہ
هوا ويتر پنهنجو پاڻ ۾ ٽڙي پوندي آهي
هوا جيڪا پاڻ سڄي گل ٿي پئي آهي
هاڻ مونکي خوشبوءِ تي ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي پوندي
هاڻ اسان ٻئي هڪ ٻي کي ڏسي وٺندا آهيون
۽ هڪ ٻي مان ئي گل ٿي ڦُٽي پوندا آهيون.

چنڊ جي اک تي گُذارو ڪندڙ رات ...!!!

هاڻ مون وٽ
جيئڻ جو ڪو به جواز ناهي رهيو
آئون پنهنجا هٿ متي ڪرڻ ڪانپوءِ به
پنهنجو پاڻ ۾ ئي ٻڏي ويو آهيان
پنهنجي پاڻ ۾ ئي مري وڃڻ جو حادثو
آئون پاڻ سان گڏ ڪنيو وتان
رات ڪي اکيون ناهن جو مونکي ڏسي سگهي
چنڊ جي هڪڙي اک تي

گذارو ڪندڙ رات ڪي ڪھڙي خبر تہ
ستارن جي ٻُٽپ
سج جي سامھون بيھي نٿي ڪري سگھجي
سمنڊ جي اک جو ڳوڙھو
دنيا جي درد جو آخري اظھار آهي
آئون آسمان کي اهو اطلاع بہ آخر ڪيئن ڏيان تہ
زمين منھنجي زندھ هجڻ جو
هڪ بہ ثبوت هٿ ناهي ڪري سگھي
آئون پنھنجو پاڻ ۾
مري وڃڻ جو ڏک ڪٽي رُلي رهيو آهيان
رات جيڪا مونکي هڪ ئي اک سان ڏسي رهي آهي
چنڊ جي اڪيلي اک تي هلندڙ رات کي ڪھڙي خبر تہ
آئون ٻنهي اکين سان انڌو آهيان
هاڻ مونکي آسمان نظر ناهي ايندو
هاڻ آئون زمين تہ ڇا پر
پنھنجو پاڻ ۾ بہ هلڻ جھڙو ناهيان رهيو
هاڻ مونکي رات کان وڌيڪ
پنھنجو پاڻ مان ئي خوف ٿيندو آهي
هاڻ جيڪو آئون
پنھنجو پاڻ مان بہ
ڪڏهوڪو ئي مري چڪو آهيان.

❖

ڪڏهن ويل فيصلو...!!!

مونکي سمجھہ ۾ نٿو اچي تہ
منهنجي شاعريءَ کي ڇا ٿي ويو آهي
گهاٽي گرمي ۾ ڪپڙا لاهي
بارش وسڻ جون ڳالهيون پئي ڪندي آ
۽ بارشن جي موسمن ۾ ڏيئا ٻارڻ لاءِ
گهر جا سمورا ماچيس ڪٺي ختم ڪري ڇڏيندي آ
ٻڪ جو وزن لفظن جي بجاءِ
ساهمي ۽ تورن سان پئي ڪندي آ
مونکي سمجھہ ۾ نٿو اچي تہ
منهنجي شاعريءَ جو
ذهني توازن ايئن اچانڪ ڇو ٿي ويو آ
سندس اکيون آسمان کي ڏسڻ جي بجاءِ

زمين ۾ ئي ڪپيل رهن ٿيون
هوا
پکي
۽ سمنڊ سان
هاڻ سندس ڪو بہ تعلق ناهي رهيو
منهنجي شاعري الائي ڇو مونکي
زنجير ۾ ٻڌل زندگيءَ جهڙي لڳي رهي آ
جنهن کي جت ٻهاري ڇڏجي
اُتي ئي جي ۽ مري وڃجي
تاريخ جي ڳالهين کان خالي ٿي ويل منهنجي شاعري
هاڻ مونکي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي آهي
آئون سندس اگهاڙيون عادتون ڏسي
آخر ڪيستائين اکيون پوريندو رهندس
مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ
هيءَ ماڻهوءَ جيان معذور ٿي ويل شاعري
تندرست بہ ٿيندي الائي نہ
مونکي منهنجي شاعري جيڪا هر روز
توازن کان ٻاهر نظر ايندي آ
۽ آئون شاعريءَ جون زمين ۾ ڪپيل اکيون ڏسي
آسمان جي طرف ڏسڻ لڳندو آهيان
۽ لکجي ويل فيصلن تي سوچيندي ئي رهجي ويندو آهيان.

❖

ھن شھر کي ٻڌائي ڇڏجو تہ...!!!

ھن شھر کي چئو تہ
ايڏو شور نہ ڪري
آئون ڪلھوڪو ٻڪايل آھيان
ٻڪ جي قيمت ننڊ کان الاھي وڏي آھي
رستن جون اکيون جيڪي صرف
ماڻھن کي پنھنجن گھرن تائين وٺي ٿيون وڃن
جنھن سان زندگيءَ جي تعلق جو
ڪو بہ واسطو ناھي
پنھنجو پاڻ ۾ جيئڻ ۽ مرڻ جو مرض
ھيل ماڻھن کي لڳي ويو آھي
ھن شھر کي چئجو تہ
پنھنجن دڪانن جا در آھستي بند ڪري
مون پنھنجي ٻڪ جو گلو گھٽي
ڪيس ھاڻ ئي ننڊ سمھاريو آ
ھن شھر کي ٻڌائي ڇڏجو تہ
آئون پنھنجي ٻڪ کي
بازار ۾ وٺي اچڻ نٿو چاھيان.

❖

نظم جيڪو تنهنجي لاءِ ئي لکيو ويو آهي...

هي نظم آئون صرف
تنهنجي لاءِ ئي لکي رهيو آهيان
جيڪو توکي تنهنجي حسين هئڻ جون
سموريون خوبيون ٻڌائي سگهي ٿو
هن نظم مان
تون اهو اندازو لڳائي سگهين ٿي تہ
تون ڪيتري حسين آهين

هي نظم جيڪو مون صرف
تنهنجي لاءِ ئي لکيو آهي
نظم جون اکيون هوبهو تو جهڙيون ئي آهن
جنهن کي پڙهي
تو مٿان ڪيترائي تبصرا ڪري ٿا سگهجن
هي نظم مون
تنهنجي حسن جي ڇانوَ ۾ ويهي لکيو آهي
جنهن کي پڙهندي
اُس جو احساس محسوس ئي نٿو ٿي
هي نظم حُسن جي تاريخ جو
سڀ کان وڏو نظم آهي
جنهن ۾ توکانسواءِ ٻي ڪا بہ تشبيهہ ناهي ڏنل
مونکي يقين آهي تہ
هي نظم پڙهي ونڻ ڪانپوءِ
تون خود ئي نظم ۾ سمائجي ويندينءَ
۽ مونکي بہ
توکي ئي ڏسڻ جي لاءِ
هاڻ انهيءَ ئي نظم کي پاڻ سان گڏ ئي کڻي هلڻو پوندو.

❖

اڄ سنڌس آخري رسمون آھن...!!!

سرد ملڪن جون اڇيون عورتون
اڄ پنھنجو پاڻ ۾ ڪاريون ٿي ويون آھن
رقص ڪندڙ پيرن ۾ زنجير پيل آھي
ڪردستان جي قبر ۾ رھندڙ ماڻھو
ھاڻ ڪڏھن به ڪو تازو ٿڪ
پنھنجي مرضيءَ سان نہ ڏئي سگھندا

ڪرد عورتن جي اکين جا اڇا لڙڪ
اڄ رڳو اداس گيت ٿي لکي رهيا آهن
جن کي هاڻ ڪو بہ ڳائي نٿو سگھي
ڇو تہ راڳ بک هڙتال تي ويٺل آهي
جنهن کي وقت جو جلاد
هڪ گيت جيترو گراهہ بہ کائڻ نٿو ڏي
اڄ ترڪ جي ڪبوترن اڏامڻ ڇڏي ڏنو آهي
ساز ۽ آواز جو گلو دٻجي چڪو آهي
هيلن بوليڪ جيڪا موسيقيءَ جي ماءُ آهي
اڄ سندس آخري رسمون آهن
جنهن ۾ ڪيترائي گل سندس سيرانديءَ ڪان رکيل آهن
پر هڪ گيت جيڪو اڄ بہ اداس آهي
اي ڪرد ملڪ جون اڪيليون عورتون
اڇو تہ ان گيت کي گڏجي ڳايون
گيت جيڪو زندگيءَ لاءِ زنده هجڻ جو گيت آهي
اي ڪرد ملڪ جون اداس عورتون
اڇو تہ ان گيت سان گڏجي
ڏکھي بک هڙتال تي ويهي رهون
۽ پنهنجن هٿن جون سموريون آڱريون کولي
وقت جي جلاد جي منهن طرف ڪري ڇڏيون.

❖

* موسيقي لاءِ بُک هڙتال ڪندي وفات ڪري ويل هيلن بوليڪ تي لکيل.

هاڻ آئون آسمان تي به هلي ٿو سگهان...!

مون جڏهن به پنهنجا پير
وقت جي واڻن جي حوالي ڪيا آهن
آئون تڏهن ڪان
هوائن تي هلي ناهيان سگهيو
سمنڊ مٿان پيڙن جو هلڻ
منهنجي لاءِ هڪ ئي جاءِ تي
بيهي رهڻ جي لاءِ ڪافي آهي

آئون پنهنجي مٿي پنهنجي ئي منهن تي ملي
ماڻهوءَ مان مردو ٿي ويو آهيان
ڏينهن ۾ زنده رهندڙ ماڻهو
رات جو مونکي مون جهڙا ئي لڳندا آهن
گهر جي ڇت تي سمهڻ ڪانپوءِ
جيترو مون رات کي اگهاڙو ڏٺو آهي
ايترو شايد ڪنهن به نه ڏٺو هجي
آئون پنهنجن پيرن ۾
ڪاٺ جي لڳل ڪلين کي ڏسي
صليب تان وهندڙ رت کي
اکين سان پي چٽيندو آهيان
بنا پيءُ جي پيدا ٿيندڙ ٻار
خدا جي خدائي جو ئي معجزو ٿي سگهي ٿو
مونکي اجان تائين ڪا به
مريم جهڙي ماءُ ناهي ملي سگهي
جنهن ۾ آئون به ڪٿي پناهه وٺي سگهان
منهنجا زمين ۾ ڪتل پير
آخر ڇو آسمان تي هلڻ ٿا چاهن...!؟
وقت جي وارن کي اهو ٻڌائي ڇڏجو ته
مونکي هلڻ جو هُنر اچي ويو آهي
هاڻ آئون زمين ته ڇا پر آسمان تي به هلي ٿو سگهان.
❖

منهنجي بکايل شاعري...!

آئون پنهنجي بکايل شاعريءَ
تو وٽ وٺي آيو آهيان
مونکي تنهنجي بدن مان
پنهنجن ڪيترن ئي نظمن کي
ڪارائي ڍئو ڪرائڻو آهي
مون پنهنجي شاعريءَ کي
تنهنجو گس ڏيکاري ڇڏيو آهي
جتان هاڻ ڪيس
بک مرڻ جو ڪو بہ پئو نہ ٿيندو
شاعري تنهنجي لڱن مان لفظن جو رس پي
ڪيترائي سال ساهہ کڻي سگهي ٿي
هاڻ آئون اهو دعوي سان ٿو چئي سگهان تہ
منهنجي شاعري تو وٽ پڄي وڃڻ ڪانپوءِ
ڪڏهن بہ بک نٿي مري سگهي.

هاڻ مونکي سمجهه ۾ اچي ويو آهي...!؟

هاڻ آئون گهٽ اداس رهندو آهيان
پنهنجا ڳوڙها
پنهنجن ئي هٿن سان اُگهي ڇڏيندو آهيان
هاڻ مونکي زندگيءَ جو گيت
سمجهه ۾ اچي ويو آهي تہ
درد جي ڌُن کي ڪيئن ڳائي سگهجي ٿو

هاڻ مونکي سمجهہ ۾ اچي ويو آهي تہ
آسمان جو الله
۽ زمين جو خُدا
هڪ ٻي کان الڳ ڇو آهن
سج جي روشني تي
هلندڙ چنڊ
ڪنهن جو محتاج آهي
جيڪو ڪنهن بہ وقت بي نور ٿي سگهي ٿو

هاڻ مونکي سمجھہ ۾ اچي ويو آهي تہ
باندر جي شڪل مان تبديل ٿيل ماڻهو
ڪنهن بہ وقت اصل شڪل ۾ اچي سگهي ٿو
آئون ڪيئن اُن چهري کي نياڳو چوان
جنهن جون اکيون ئي
رات ٿيڻ ڪانپوءِ روشن ٿينديون آهن

اهو هاڻ مونکي سمجھہ ۾ آيو آهي تہ
طبقن ۾ ورهايل دنيا جا بہ
ڪيترائي طبقاتي خدا آهن
جن وٽ پنهنجي الڳ الڳ جنت ۽ دوزخ آهي
هاڻ مون بہ
قيامت جي غضب کان گهبرائڻ ڇڏي ڏنو آهي
هاڻ مون وٽ بہ
گناهن ۽ ثوابن کي گڏ ڪرڻ جيترو وقت ناهي رهيو.
❖

مون رات ڪان ننڊ ناهي ڪئي...!

ساھ جي سگريٽ کي
موت سوٽا هڻي پي رهيو آهي
۽ آئون ايشٽري ۾ پييل
زندگيءَ جي گڏ ٽيل رک کي ڏسي رهيو آهيان
هوا جي اک ۾
ڪنهن ڏوڙيري ڇڏي آهي
جو هاڻ ڪجهه به
ڏسڻ ۾ نٿو اچي
بي لغام گهوڙي جي سواري
ماڻهوءَ کي ڪيڏانهن به ڪٽي وڃي سگهي ٿي
مون رات ڪان ننڊ ناهي ڪئي
ڇو تہ مون مٿان
سج اپرڻ ڇڏي ڏنو آهي
اڄ مون مٿان روئڻ جو حق
صرف ڪتابن کي ئي مليل آهي
ڇو تہ ڪهاڻيءَ جي
دفن ٿيڻ جو اڄ پهريون ڏينهن آهي
۽ هاڻ منهنجي شاعري به
سڏڪي وارو ساھ کڻڻ سکي ورتو آهي.

❖

* عبدالقادر جوڻيجو جي وفات تي لکيل.

ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾ ڪيترو اڪيلو آهي...!؟

اڄ مونکي اهو ڏسڻو آهي تہ
هر ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾ ڪيترو اڪيلو آهي
آئون صبح کان وٺي رات ٿيڻ تائين
ماڻهن ۾ اڪيلائپڻ جون علامتون
ڳولهيندو رهان ٿو
مونکي ڪيترائي ماڻهو
پنهنجو پاڻ ۾ مئل ملندا آهن
جن جي خالي ساهہ کڻڻ سان
ڪو بہ معاشرو
ڪڏهن بہ صحت مند نٿو ٿي سگهي
آئون پنهنجو پاڻ ۾ ڪيترو اڪيلو آهيان
اهو آئون
تڏهن ئي توکي ٻڌائي ٿو سگهان
جڏهن هر ماڻهو
اڪيلائي هجڻ جو اعتراف
پنهنجو پاڻ ڏانهن آڱر کڻي ڪندو
سچ پڇو تہ مونکي
پاڻ سميت سمورا ماڻهو
اڪيلا ئي نظر آيا آهن
اڄ آئون صرف
ماڻهن جي اڪيلائي هجڻ جي ڳالهہ
پاڻ سان ئي گڏجي ٿو ڪري ڇڏيان
ڇو تہ اڪيلائي هجڻ کانپوءِ اڳهاڙي هئڻ جو اعتراف
جيڪو صرف مونکي پنهنجو پاڻ سان ئي ڪرڻو آهي.

❖

آئون وقت کي جاهل به آخر کيئن چوان...!؟

ھو اسانکي ايئن ڏسي رهيا آھن
جيئن فتح کيل جنگ کانپوءِ
ھٿ آيل عورتن ۽ زيورن کي ڏٺو ويندو آھي
فقط ورهاست کرڻ جي لاءِ

ھُنن جا قد پلي کيڏا بہ وڏا ھجن
پر سندن دماغ
دنيا جي گول دائري جيڏا ھرگز ناھن

هنن کي عورتون صرف
بسترن تي سمهارڻ لاءِ ئي وٽنديون آهن
هو پاڻ کي ڍڪڻ جي باوجود بہ
اُگهاڙپ کان لڪي ناهن سگهندا

هو ماڻهوءَ کان وڌيڪ
موت جا ملائڪ لڳندا آهن
هو جيڪي پنهنجن مفادن خاطر
ڪنهن بہ ماڻهوءَ مٿان
ساهہ ڪڍڻ جي صور ڦوڪي ڇڏڻ ۾ دير ئي ناهن ڪندا

هو پنهنجن مزاجن ۾ فرسوده هئڻ سان گڏ
دنيا کي بہ فرسوده بنائي وينا آهن
هو نٿا چاهن تہ ڪو پراڻن فلسفن ڇنڊڇاڻ ٿئي
هو جيڪي دنيا کي نئين نگاهہ سان ڏسڻ بہ نٿا چاهن

آئون وقت کي جاهل بہ آخر ڪيئن چوان
ڇو تہ مونکي موت جو خوف
خدا کان وڌيڪ ماڻهن مان ئي ٿيندو آهي.

❖

او زندگيءَ جا خواب...!!!؟

کيترا ڏينهن لنگهي ويا آهن
پر تون ڪٿي به نظر نٿو اچين
قبر جي اداس مٽي
گلن کي پاڪر پائي روئي رهي آهي
۽ سانت جو سمنڊ ويتر وسيع ٿي پيو آهي
آئون تنهنجي تعزيتي بڪ تي
صرف به لڙڪ ڇڏي آيو آهيان
جن صديءَ جيڏي سوڳ جو اعلان ڪري ڇڏيو آ

ساهہ ۾ اٽڪيل ڳوڙهن هاڻا ڪيترائي سڏ
تنهنجا ئي پار پڇي رهيا آهن
پر تون ڪٿي بہ ڪو نہ آهين
گهر جي گهٽي کان ويندي شهر جي بازارن تائين
تنهنجو ڪو بہ تازو ڏنل ٺهڪ ٻڌڻ ۾ ئي نٿو اچي
آخر هيءَ ڪهڙي ڪربلا ٿي آهي
جنهن ۾ رڳو من ماتم ئي ڪري رهيو آهي
۽ تون ڪجهہ بہ نٿو ڳالهائين
بس رڳو خاموش آهين...
تنهنجو اوپر کان اپرڻ
اُن رات لاءِ هاجيڪار ثابت ٿي چڪو هو
جيڪا رات ماڻهن جي ذهنن مٿان هٽرادي ويهاري ويندي آهي
سچ پڇين تہ توکانپوءِ
رات ويتر گهري ٿي وئي آهي
ايتري گهري جنهن ۾ اکيون کولي بہ نٿو هلي سگهجي
سورج...!!!؟
تو جڏهن کان اپرڻ ڇڏي ڏنو آهي
تڏهن کان اميد مرڪڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي
او زندگيءَ جا خواب
تون آخر ڪيڏانهن هليو ويو آهين...!!!؟

❖

* سورج سجاولي جي وفات تي لکيل.

سج جي اک ۾...

آئون سج جي سامهون بتي رکي
روشني ڳولهي رهيو آهيان
درياهه منهنجي پيرن جو آواز ٻڌي
ڪيڏو نه خاموش ٿي ويو آهي
نڙيءَ ۾ اٽڪيل اُڃ کي
آئون آخر ڪيڏانهن ڪريان!؟
هاڻ ته مونکي
سمنڊ به سُڃاڻڻ ڇڏي ڏنو آهي
آئون پنهنجي دور کان
اڳي ته ناهيان دفن ٿي رهيو
دنيا ڪاروبار جي منڊي ۾ اڳتي نڪرڻ جي لاءِ
ماڻهن جي لاشن مٿان هلڻ سکي ورتو آهي
گهرن ۾ بند ٿي ويٺل ماڻهن کي
صرف ساهه بچائڻ جيترو ئي وقت مليل آهي
جن کي هاڻ خدا کان ڪو به خوف ناهي
وبا جي عمر
هٿن ڌوئڻ سان گڏ ڪجهه هفتن جيتري آهي
پر بک جي عمر
گهرن ۾ ويهي رهڻ سان ويتر وڏي ٿي ويندي آهي
آئون سج جي اک ۾ آڱر هڻي
روز پاڻ کي انڌو محسوس ڪندو آهيان
۽ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ به
بتي ٻاري پاڻ سان گڏ کڻي هلندو آهيان.

❖

جنگ جيڪا تلوار ڪان وڏي ٿي چُڪي آهي...!!!

دنيا باهہ جو گولو ٿي پئي آهي
ماڻهو خدا کان وڏو ٿيڻ جي لاءِ
ڪيترو نہ اڳتي ڊوڙي رهيو آهي
پاڻ جيڪي هڪ ٻي جو اکيون بہ چُمي نٿا سگهون
سچ جو لهڻ ۾ واپس اُڀري اچڻ
سڀ ڪجهہ ناهي
ويا جي ڦهليل وڏي جنگ ۾ تہ
جهازن بہ اڏامڻ ڇڏي ڏنو آهي
جنگ جيڪا هاڻ تلوار کان وڏي وڏي ٿي چُڪي آهي
ائٽم جي اک سان ڏسندڙ ملڪن جو ساهہ بہ
گُهٽجڻ لڳو آهي
ڪٿ آئون
تاريخ جي گولي تان وڃائجي تہ نہ رهيو آهيان
وڻن ۾ پکين جو هڪ ٻي سان گڏجي ويهڻ
پر ماڻهو جو ماڻهوءَ کان پري ٿي وڃڻ ئي
دنيا جي دہجي وڃڻ جو درد آهي
آئون ويا جي جنگ جو
جائزو وٺڻ کانپوءِ اتي پهتو آهيان تہ
ڪٿي هيءَ ماڻهو ۾ خدا جي وچ ۾ لڳل جنگ تہ ناهي...!؟

❖

سچ ڪي چئجو ته اڄ اسان مٿان نه اُپري...

مقصد ڪڏهن به مرندا ناهن
اهو اندازو مون تنهنجي اکين مان
تڏهن ئي لڳائي ورتو هو
جڏهن تون بيساخته کلندو هئين
ته بي منداڻتيون محبتون به
من ۾ مورڙ لڳنديون هيون
تون اهو سنڌ جو دولهه درياهه خان هئين

جنهن جي تلوار جي تجلن سان ٻہ
ڪنهن کي پيٽي نٿو سگهجي
اڄ آئون تو مٿان اداس بيٺو آهيان
۽ تون ننڊ سُتل آهين
سموري موسمن جا گل زخمي آهن
چنڊ آسمان تان اڇي
پٽ تي ڪري پرزا ٿي پيو آهي
سچ کي چئجو تہ اڄ اسان مٿان نہ اپري
چو تہ اڄ رت روئڻ جو ڏينهن آهي
پر آئون ساک جي صبح کي
اهو ضرور ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ
شهيدن جو رت
دلين جي ڌرتيءَ تان ڪڍهن بہ
ڌوپجي ناهي سگهندو
۽ تون سنڌ جو اهو شهيد آهين
جنهن جي مٽيءَ کي آئون مقدس ٿو چوان
چو تہ تنهنجي وهيل رت مان
ڪيترائي سرخ اميدن جا گلاب ڦُٽڻا آهن
۽ ايندڙ وقت جي لاءِ نوان انقلاب ٿي اپرڻا آهن

❖

- شهيد الطاف جسڪاڻي جي شهادت تي لکيل

اسان ٻئي هڪ ٻئي کان الڳ ٿيندا پيا وڃون...!؟

اسان ٻنهي جي پسند الڳ آهي
مونکي خوبصورت جسم وڻندا آهن
۽ هُن کي خوبصورت مرد
اسان ڪڏهن ٻہ دل سان هڪ ٻئي کي قبول ناهي ڪيو
رات جو هڪ ئي بستر تي گڏجي سُمهڻ
اسان لاءِ هاڻ پراڻو ٿي چڪو آهي
هوءِ مونکي نائيٽ ڊريس ۾ ڏسي
ڪڏهن ٻہ خوش ناهي ٿي
۽ مون وٽ وري
سندس تعريف ڪرڻ لاءِ لفظ ئي ناهن هوندا
اسان ٻنهي جي پسند جو معيار
ڏينهون ڏينهن الڳ ٿيندو پيو وڃي
سڄي زندگي هڪ ٻئي کي قبولي ڇڏڻ جو بار
هاڻ اسان ٻنهي مان ڪو ٻہ
پنهنجن ڪلهن تي کڻڻ جي لاءِ تيار ناهي
بار جانورن کي ئي کڻايو ويندو آهي
ماڻهو ۽ گڏھ تي ڳالهائڻ وقت
هوءِ اڪثر پاڻ کان وڏيڪ مونڏانهن ڏسڻ لڳندي آهي

۽ مون ڪڏهن به
ان بحث تي توجہ ڏيڻ جي ڪوشش ئي ناهي ڪئي
اسان ٻنهي جي پسند جو پاڻ ۾ نہ ملڻ
هاڻ اسانکي بہ ياءِ پئجي ويو آهي
ايتري قدر جو
آئون خوبصورت جسمن تي ڳالهائيندي
هُن سان هڪ رات بہ اگهاڙو سمهي ناهيان سگهندو
۽ هوءِ بہ خوبصورت مردن جون ڳالهيون ڪندي
مون تي توجہ ئي ناهي ڏيندي
مون هُن کي
جسمن جي نمائش جي ڳٽپ کان ٻاهر بهاري
ڪڏهن بہ ڪو تعريفي اعزاز ناهي ارپيو
۽ هُن کي بہ مون ۾
ڪڏهن بہ ڪو خوبصورت مرد نظر ئي ناهي آيو
اسان ٻنهي جي پسند الڳ هئڻ سان گڏ
هاڻ اسان بہ هڪ ٻي کان الڳ ٿيندا پيا وڃون
ان حد تائين جو
آئون هُن کي خوبصورت جسمن جي
معيار مطابق ئي ناهيان سمجهندو
۽ هوءِ بہ
خوبصورت مردن جا حوالا ڏيڻ وقت
مونکي وساري ويهندي آهي.

❖

اڄ ڳلن جو ڏينهن آهي...!

اڄ محبتن جو عالمي ڏينهن آهي
۽ آئون توکي ياد ڪري رهيو آهيان
منهنجي دل مان درياهه جهڙا وهندڙ سپ وهڪرا
هڪ ئي جاءِ تي بيهي رهيا آهن
منهنجي زندگيءَ جي مرجهائجي ويل موسمن ۾
هاڻ ڪو به ڳل نٿو ٽڙي
اڄ ڳلن جو ڏينهن آهي
جيڪو هر سال ساڳي تاريخ تي موٽي ايندو آهي
محبتن کي مرڪي ڏسڻ جي لاءِ
پر تون منهنجي وجود جي وڻ مان
الائي ته ڪٿي ڇڄي ڇڻي پيو آهين
آئون توکي پنهنجي ڏينهن جي ٽٽل تارين سان
آخر ڪهڙي پيتا ڏيان
جن تي هاڻ ڪو به ڳل نٿو ٽڙي
تون منهنجي محبت جو عالمي ڏينهن آهين
جنهن کي آئون هاڻ
هر روز ئي ياد ڪندو رهندو آهيان
غم جي موريل موسم سان ڳڏ
ساهه ۾ اٽڪيل سڏڪي سان

❖

- ننڍڙي عمر ۾ وڇڙي ويل پنهنجي پٽ کي ويلن ٽائن ڊي تي ڏنل پيتا

آئون جيڪو ماڻهوءَ مان روبوٽ ٿي ويو آهيان.....!!

مونکي وقت نٿو ملي
پنهنجو پاڻ سان ملڻ جي لاءِ
پنهنجو پاڻ ڪان پري ٿي وڃڻ ڪانپوءِ
آئون پاڻ مان توکي بہ وڃايو ويٺو آهيان
گهڻو مصروف هئڻ جي ڪري
ماڻهو ماڻهو نٿو رهي
ماڻهو جو ماڻهوءَ منجهہ ئي مري وڃڻ
مونکي پنهنجي اکين جي آثارن مان ئي
محسوس ٿيڻ لڳو آهي
پر پوءِ بہ الائي ڇو
مونکي وقت نٿو ملي پنهنجو پاڻ سان ملڻ جي لاءِ

درياهه جو سمنڊ سان ملڻ
بارش جو بادلن ۾ پيرجڻ
زمين ۽ آسمان جو هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ
ماڻهو جو ماڻهوءَ ۾ منتقل ٿيڻ
۽ واپس وري موٽي اچڻ
ڪائنات جو فطرت سان وڌڻ
اهو سڀ ڪجهه وقت نه هُئڻ جي ڪري
آئون پاڻ مان وڃايو ويٺو آهيان
آئون هاڻ ماڻهو گهٽ ۽ روبوٽ وڌيڪ لڳندو آهيان
هڪ ئي ڏسيل راهه تي هلڻ
ماڻهو نه پر روبوٽ ئي ڪري ٿو سگهي
هاڻ مونکي پڪ ٿي وئي آهي ته
مون ۾ ماڻهو هجڻ جي ڪا به صلاحيت ناهي رهي
آئون جيڪو ماڻهوءَ مان فري روبوٽ ٿي ويو آهيان
صبح کان وٺي رات ٿيڻ تائين
آئون صرف وقت سان گڏ ڊوڙي رهيو آهيان
مونکي وقت ئي نٿو ملي
پنهنجو پاڻ سان به ملڻ جي لاءِ
وقت جنهن مونکي تو منجهان به وڃائي ڇڏيو آهي
وقت جنهن مونکي ماڻهوءَ مان روبوٽ بنائي
پنهنجو پاڻ سان به ملڻ جهڙو ناهي ڇڏيو
مونکي وقت نٿو ملي جيئڻ کان وٺي مرڻ جيترو به.

❖

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

منهنجا نظم ۽ تنهنجون اکيون...

مون تنهنجي اکين مان
ڪيترائي نظم چوري ڪيا آهن
جن جي شڪل هوبهو تو جهڙي ئي آهي
آئون جڏهن به ڪٿ ڪو نظم پڙهندو آهيان ته
ماڻهو مونکي
تاڙيون وڄائي اُٿي بيهي داد ڏيندا آهن
اها منهنجن نظمن جي نه
پر تنهنجي اکين جي ئي ڪرامت آهي
منهنجا نظم
تنهنجي حُسن مان چونڊيل اُهي گل آهن
جن سان ڪيترا ئي روحن جا ريگستان
آباد ڪري ٿا سگهجن
سچ پڇين ته
مونکي منهنجا نظم گهٽ
پر تنهنجون اکيون وڌيڪ لڳندا آهن.